
چوڏس
مينگهہ ملهار
مرتب:
فياض منصور

# چوڏس مينگھہ ملھار

(شاعري)

مرتب : فياض منصور

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# حق ۽ واسطا


ڪتاب جو نالو: چوڏس ميگهہ ملهار

موضوع: گڏيل شاعري

مرتب: فياض منصور

ڇاپو: پهريون2015ع

ڪمپوزنگ: فياض منصور

موبائل نمبر 03332982152

ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي سنگت ( شاخ ) سيتاروڊ

ڇپيندڙ: ڪنول پبلڪيشن

ٽائيٽل: سعيد سومرو

قيمت: 300

# ارپنا

محترم بشير سيتائي
استاد پيرل پرديسي سيتائي
علي دوست عاجز
اسحاق سميجو
منصور سيتائي
جي نانءِ
جن جي ذات ۽ ڏات
منهنجي جيون جي دڳن ۾ هميشہ
مشعلِ راهہ رهي آهي.

# ڪتاب جا شاعر

عزيز سولنگي
فياض منصور
عمران انجم
حافظ عبد چنہ
وفا گل محمد جمالي
ذاڪر سيتائي
سرويچ ناٿن شاهي

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”چوڏس مينگهہ ملهار“** اوهان اڳيان پيش آهي. شاعريءَ جي هن گڏيل مجموعي جو مرتب **فياض منصور** آهي جڏهن تہ عزيز سولنگي، فياض منصور، عمران انجم، حافظ عبيد چنہ، وفا گل محمد جمالي، ذاڪر سيتائي ۽ سرويچ ناٿن شاهي جي شاعري هن ڪتاب ۾ موجود آهي.

هي ڪتاب سنڌي ادبي سنگت شاخ سيتا روڊ پاران **ڪنول پبليڪيشن** وٽان 2015ع ۾ ڇپايو ويو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**

sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

سنڌي شاعرن جي گڏيل شاعريءَ جا مجموعا تڪڙا تڪڙا اچڻ ڪري من ۾ خيال آيم ته ڇو نه مان به سنڌ جي نوخيز نوجوانن جي شاعريءَ جو گلدستو آڻيان، اهو خيال ايندي ئي پنهنجن همعصرن دوست شاعرن سان رابطو ڪري شاعري گڏ ڪيم ۽ اُن مان چونڊ ڪري " چوڏس مينگهه ملهار " اوهان جي آڏو آڻي رهيو آهيان، جيڪا منهنجي پهرين ادبي وِڪ آهي.

ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته سنڌ ۾ اهڙا اڻ ڳڻيا شاعر به موجود آهن جن کي نه وزن بحر، ۽ نه ئي قافي رديف جي ڄاڻ آهي اُنهن جا به ڪيترائي مجموعا اچي چڪا آهن، اُنهن کي نظر ۾ رکندي ئي اهو خيال ڪڍي اوهان اڳيان آيو آهيان ته "تورا ڪٺا تاليءَ ۾ گهڻا" جي مصداق مون جن نوجوان شاعرن کي هن مجموعي ۾ شامل ڪيو آهي اُهي پنهنجي عمر ۽ تجربي جي لحاظ کان گهڻو اڳتي آهن سنڌن شاعريءَ ۾ فني پختگيءَ سان گڏ خيالن جي ندرت ۽ نواڻ آهي.

وڌيڪ اوهان پڙهندڙ ئي حقيقي راءِ قائم ڪري سگهو ٿا.

دوستن جو ساٿ رهيو ته اهڙا انيڪ خوبصورت ڪتاب اوهان اڳيان آڻيندا رهنداسين.

آئون نهايت ئي شڪر گذار آهيان پنهنجي ادبي استاد ۽ والد محترم منصور سيتائيءَ جو جن منهنجي وِڪ تي رهبري ۽ رهنمائي ڪئي.

آئون احسانمند آهيان محترم ڊاڪٽر اسحاق سميجو جو جن انتهائي مصروفيت باوجود مون کي بيڪ پيج لِکي ڏنو.
آئون مشڪور آهيان استاد الشعراءُ بزرگ شاعر محترم سائين بشير سيتائي جو جن بيماري ۽ ضعيفي واري حالت ۾ بہ پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي ڪتاب جو مهاڳ لکيو ۽ اسان جي رهنمائي ڪئي.
آخر ۾ آئون عمران انجمؔ سرويچ ناٿن شاهي ۽ ذاڪر سيتائيءَ جو بہ ٿورائتو آهيان جيڪي مون سان ڪتاب جي ڇپائيءَ جي آخري مرحلي تائين گڏ رهيا.

اوهان جي فيڊ بيڪ جي اوسيئڙي ۾

**فياض منصور**
سيتاروڊ دادو سنڌ
0333 2982152
Email : fayaz.mansoor@yahoo.com

# عطر اهو آهي

## ( مهاڳ )

فارسي ۾ هڪ چوڻي آهي تہ " عطر آنست ڪہ خود ببويد نہ ڪہ عطار گويد " ( عطر اهو آهي جو پاڻ پنهنجي خوشبو ڏئي، عطر وڪڻندڙ ان بابت ڪجهہ نہ چوي ) اها ساڳي ڳالهہ شاعري سان پڻ لاڳو ٿئي ٿي. شاعري اُها هجي جيڪا خود ٻڌائي تہ مون ۾ دم آهي. اُها فني ۽ فڪري حوالي سان دل کي ڇُهندڙ ۽ وڻندڙ هجي. اڄ ڪلهہ اسان وٽ اهو رجحان زور پڪڙي رهيو آهي تہ شاعري ۾ پل ڪجهہ نہ هُجي، پنهنجي ڪنهن دوست يار بلڪ ڏهن ڪان ويندي پندرهن دوستن ڪان مُهاڳ ۽ نوٽ لکرائي لفظي خيرات ونجي ۽ وجي وڏي شاعر ۾ پاڻ کي فِٽِ ڪجي.ادب ۾ جڏهن اهڙيون ياريون باشيون، دوستيون ۽ دوست نوازيون جنم وٺنديون آهن تڏهن معياري ادب جي رستا روڪ ٿي ويندي آهي ۽ عاميانہ ادب جنم وٺندو آهي. " من تُرا حاجي بگويم، تُو مرا قاضي بگو " وارو دستور عام ٿي ويندو آهي.اها هڪ اهڙي روايت آهي جنهن ۾ معياري ۽ غير معياري ادبي وٿن جي تميز ختم ٿي ويندي آهي. ٻولي جي موثر واڌ ويجهہ ، اوسر کي هڪ پاسي ڌڪ لڳندو آهي، ٻئي پاسي فن ۽ فڪر موڪلائي ويندو آهي. اها هڪ اهڙي ڳالهہ آهي جيڪا هر هڏ ڏوکي اديب ۽ شاعر جي ذهن ۾ سواليہ نشاني بڻيل آهي.

شاعري هُونءَ بہ هڪ ڏکي رياض، مسلسل مشق آزمائي، تجربي، مشاهدي، فن ۽ فڪر جو نانءُ آهي مگر هتي سهل پسندي، سکڻ ۽ پرائڻ کان کن لاٿار خود پسندي ۽ پذيرائي جو مرض وڌي رهيو آهي. هر اُسرندڙ شاعر پنهنجي سَستي شهرت وٺڻ جي پويان آهي ۽ جلدي ۾ " صاحب ڪتاب " ٿيڻ جو جُنون سندس سِرَ تي سوار آهي. هر شئي لاءِ وقت ضروري هوندو آهي. هر ميوو پچڻ ۾ وقت ڪائيندو آهي ۽ جڏهن اُهو پچي راس ٿيندو آهي تڏهن ئي لذيذ ۽ مزيدار ٿيندو آهي. بقول سعدي شيرازي

" انگور نو آورده ترش طعم بُوَد،
روزي دوسہ صبر ڪن ڪہ شيرين گردد "

( انگور نئون نئون ڪائڻ ۾ ڪٽو هوندو آهي، بہ ٽي ڏينهن صبر ڪر تہ جيئن شيرين ٿئي ) ان ئي ڳالهہ جي تائيد ۾ فارسي جو هڪ ٻيو شعر آهي تہ :

" سالها بايد ڪہ تايڪ سنگ اصلي ز آفتاب
لعل گردد در بدخشان يا عقيق اندر يمن.
عمرها بايد ڪي تايڪ ڪودڪي ازدوئي طبع،
عالمي گردد نڪو يا شاعر شيرين سُخن. "

( ان ڪي سال ڪپن تہ هڪ پٿر سج جي تَپش ۾ بدخشان ۾ لعل بڻجي يا يمن ۾ عقيق بڻجي اهڙي ريت هڪ عمر ڪپي ٿي تہ ڪو ڇوڪر پنهنجي طبيعت جي حساب سان عالم بڻجي يا شيرين سُخن شاعر بڻجي )

هڪ ڀيري هڪ نوجوان دوست پنهنجي ڪچي ڦِڪي شاعري جو مسودو ڪڍي مون وٽ پهتو چوڻ لڳو " سائين هن تي پرپور

مهاڳ لکي ڏيو ” مون هن کي عزت سان ويهاريو، خاطر تواضع ڪئي، ايتري ۾ مون هُن جي شاعري تي ٻہ هڪ طائرانہ نظر ڦيرائي ورتي. هُن جي شاعري هڪ خام مواد وانگر لڳي جنهن ۾ نہ ڪو وزن بحر هيو نہ ئي فڪر !! مون هُن کي چيوتہ ادا اوهان جي شاعري وزن بحر کان وانجهيل آهي، هيءَ اجا رياض ۽ پختگي گُهري ٿي. اوهان عروض ۽ ڇند وديا جي پوري ڄاڻ حاصل ڪيو ڪنهن قابل سينئر شاعر وٽ وڃو يا عروض تي لکيل ڪتاب غور سان پڙهو. پاڻ ۾ فن سان گڏ فڪري سگهہ پيدا ڪيو. هھڙي ڪچي ڦڪي شاعري تي آئون ڪھڙو مهاڳ لکان جنهن ۾ نہ وزن آهي نہ بحر ، نہ قافي ۽ رديف جو درست استعمال، نہ سليق نہ سباق !! آخر تہ شاعري جون ڪي فني ۽ فڪري ضرورتون بہ آهن هھڙي ڪچي ڦِڪي شاعري جو ڪتاب ڇپائڻ سان اوهان جو ڪو بہ قد ڪاٺ نہ اُڀرندو.هُو منهنجي مُنهن ۾ چِتائي نهارڻ لڳو تہ مون وري بہ نهايت شفقت ۽ پيار سان هُن کي چيو تہ “ آئون اوهان جي دلشڪني ڪرڻ نہ ٿو چاهيان. اوهان کي شاعر بڻجڻ جو اشتياق آهي، جا سُني ڳالھہ آهي. منهنجون بہ اوهان لاءِ اهي ئي نيڪ خواهشون آهن تہ اوهان هڪ سُنا شاعر ٿيو پر شرط آهي تہ شاعري جي بنيادي ڄاڻ حاصل ڪيو ۽ مسلسل رياض جاري رکو ” . نوجوان کي اِها ڳالھہ نہ آئڙي پنهنجو مسودو کڻي روانو ٿي ويو بلڪ ان ڏينهن کان وٺي دوستن ۾ مون بابت چوندو رهيو تہ بشير مغرور آهي پاڻ کي الائي ڇا ٿو سمجهي وغيره وغيره !! افسوس جو اُن نوجوان کي منهنجو سَچُ ڳِران گُذريو. ڳالھہ جي تَهہَ تائين وڃڻ ۽ منهنجي ان نيڪ مشوري کي هِنئين سان

هنڌائڻ بجاءِ پنهنجي ضد ۽ انا تي قائم رهيو ۽ قائم آهي. اوهان ٻڌايو تہ ان ۾ نقصان ڪنهن جو ٿيو ؟
اڄ ڪلهہ جي ڪن نوجوانن ۾ سهپ ۽ سنجيدگي گهٽ آهي. ڪنهن جو ڪو مشورو ، ڪا صلاح ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن. هُو جا بہ شاعري ڪن ٿا اُها حرفِ آخر سمجهن ٿا ٻيو تہ اسان وٽ اهڙن رسالن جي گهٽائي آهي جيڪي ادبي گهٽ ۽ ڪمرشل زياده آهن ۽ غير معياري شاعري شايع ڪن ٿا. ڪنهن نوجوان جو هڪ اڌ شعر شايع ٿئي ٿو تہ ڄڻ ڪيس شاعر هجڻ جي سَندَ حاصل ٿي وجي ٿي. ۽ هُو پڙهڻ پڙهائڻ جي ويجهو نہ ٿو وڃي. مٿي ذڪر ڪيل نوجوان جي ڳالهہ تان اچانڪ هڪ ڳالهہ ياد اچي وئي آهي جيڪا مون هڪ فارسي ڪتاب " هزارويڪ حڪايات تاريخي " جلد 1 ۾ پڙهي، دل چاهي ٿي تہ اوهان کي بہ ٻڌائي ڇڏيان.
فتح علي شاهہ قاچار جيڪو 1797ع کان 1834ع تائين ايران جو بادشاهہ رهيو، سو شاعري بہ ڪندو هو سندس شاعرانہ تخلص " خاقان " هيو. هڪ ڀيري شعر لکي پنهنجي دور جي مشهور معروف شاعر صباڪاشاني جيڪو " ملڪ الشعرا " جي خطاب سان نوازيل هو، جي اڳيان پڙهيائين ۽ اُن کان پُڇيائين تہ هي شعر ڪيئن آهي ؟ ملڪ الشعرا ، بادشاهہ جو شعر ٻُڌي چوڻ لڳو تہ " اهو شعر مضمون کان خالي، بيڪار ۽ بي اثر آهي " بادشاهہ کي ان ڳالهہ تي ڏاڍو غصو آيو ، سو ويچاري ملڪ الشعرا لاءِ حڪم ڏنائين تہ هن کي گهوڙن جي تنبيلي ۾ وٺي وڃو، سندس ڳچيءَ ۾ رَسو وِجهي هڪ آهوري جي اڳيان ٻڌي ڇڏيو ۽ ڪجهہ گاهہ اڳيان رکي ڇڏيوس.

ڪجهہ وقت ڪان پوءِ وري جڏهن بادشاهہ ٻيو شعر ٺاهيو تہ حُڪم ڏنائين تہ ملڪ الشعرا کي وٺي اچو. جڏهن هُو ملڪ الشعرا کي وٺي آيا تہ بادشاهہ هن کي ويهاري پنهنجو اهو نئون تازو ٺهيل شعر هُن اڳيان پڙهي ۽ راءِ طلب ڪئي. مَلڪ الشعرا بنا ڪجهہ چوڻ جي اُٿي ۽ وڃڻ لڳو. بادشاهہ پُڇيس " ملڪ الشعرا ڪيڏانهن ٿو وڃين " چوڻ لڳو حُضور! گهوڙن جي تنبيلي ڏانهن !! بادشاهہ کِلي ڏنو ۽ وري ڪڏهن پنهنجو شعر مَلڪ الشعرا جي اڳيان نہ پڙهيائين.

تنقيد سهڻ، نہ سهڻ جا ڪيئي تاريخي ۽ نيم تاريخي قصا ڪتابن ۾ بيان ٿيل آهن. مون کي نوجوانن لاءِ عزت آهي آئون انهن لاءِ نرم گوشو.( Soft (soft corner )

رکندو آهيان. انهن جا احساس ۽ جذبات ڏاڍا نازڪ ۽ ٿاڪئان ٿيندا آهن. آئون انهن جي دل ٽوڙڻ نہ چاهيندو آهيان، ڇو تہ آئون انهن نوجوانن کي ئي پنهنجي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جو آئنده جو وارث سمجهندو آهيان. انهن مان ئي اڳتي هلي سُنا اديب ۽ شاعر ٿيڻا آهن. انهن جون ننڍيون هلڪيون ادبي غلطيون نظر انداز بہ ڪرڻ ڪپن ۽ ڪجهہ ادبي رعايتون بہ کين ڏيڻ گهرجن. اُنهن تي سخت ادبي لوازما ۽ قاعدا بہ اڄندي ئي نافذ نہ ڪجن جو هو شاعريءَ تان ئي دِل ڪٽي وڃن. شاعري پوري عمر جو رياض آهي ۽ اهو علم آهي جو سڄي ڄمار ماڻهو سِکندو رهي ٿو ۽ پنهنجي غلطين جي وقت سان گڏوگڏ اصلاح بہ ڪندو رهي ٿو. هڪ مولوي صاحب هڪ پريل مجلس ۾ واعظ ڪري دين جا سخت احڪامات ٻڌائيندو رهيو، قبر منڪر ، نڪير، حشر، نشر جا خوف طاري ڪندڙ عذاب بيان

ڪندو رهيو تہ اُن پريءَ مجلس مان هڪ همراهہ اٿي بيهي چيو تہ " سائين قبلا اوهان جي مسالين ۽ اسان جي افعالين تہ بهشت ۾ پو رڳو ڪنگ ئي رڙندا " يعني سولي زبان ۾ تہ دين جا گهرا مسئلا ايڏا وڏا ۽ دشوار آهن ۽ اسان جا افعال بہ اهي ساڳيا آهن تہ پوءِ بهشت خالي پيو هوندو، اسان مان ڪير اتي وڃي ڪو نہ سگهندو. سو ادب ۾ ايتري سخت گير پاليسي ڪان پرهيز ڪرڻ گهرجي. غلطيون لاشعوري بہ ٿينديون آهن جي قابل تلافي هونديون آهن، ڪي شعوري طور ڪيون وينديون آهن جن جي تلافي ڪرڻ ڏکي ٿي ويندي آهي. زندگي ۽ زمانو بهترين استاد آهي بقول محمد رمضان ثاقب

" دل ! درس آ حياتي، استاد ٿيو زمانو "

" تعليم ڪاڻ قدرت، عمدو ڪتاب آهي "

انگريزي ۾ چوڻي آهي

(Proper study of mankind is man)جنهن جو مطلب آهي انسان جو بهترين مطالعو انسان ئي آهي ان ڪري انسانن جي درميان رهي شاعر ڪي انسانن ۽ انهن سان لاڳاپيل هر شي جو مطالعو ڪرڻو آهي ۽ پنهنجو مشاهدو مضبوط ڪرڻو آهي. هر ماڻهو کي قابل ۽ ماهر ٿيڻ ۾ بہ وقت لڳي ٿو ان ڪري وقت جو انتظار ڪرڻ ضروري آهي ۽ هر شي جو بنياد بہ محڪم ۽ مضبوط رکڻ کپي ۽ جيئن اها پائدار ۽ شاندار رهي. مولانا رومي بہ چوي ٿو

خشت اول تا نهد معمار کج،

تاثريا مي رود ديوار کج.

( جيڪڏهن معمار ( اوستو ) پهرين ئي سِرَ ٽيڙِي رکي ٿو تہ اها ديوار هُو چاهي ثريا ستاري تائين ڇو نہ کڻي وڃي ٽيڙي رهندي )
جتي اسان وٽ اهي نوجوان جيڪي سِکڻ پِرائڻ بنا ئي شاعري ڪن پيا ۽ جو لکن پيا اُن کي پنهنجي پر ۾ حرفِ آخر سمجهن پيا، اُتي ڪي اهڙا نوجوان بہ آهن جيڪي شاعري کي شاعري سمجهي ڪن ٿا، قابل استادن ۽ پنهنجي ماهر همعصرن مان هم وقت پِرائڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهن، مطالعو ڪن ٿا، پنهنجو مشاهدو بہ جاري رکن ٿا. شاعري جي سمورين صنفن ان جي هيئتن ۽ بنيادي قاعدن ۽ قانونن جي پڻ ڄاڻ رکن ٿا ۽ وٽن سني ڏات ۽ اندر جي اظهار جو ڏانءُ آهي اهڙا ئي نوجوان اسان جو حقيقي ادبي سرمايو آهن، جيڪي اڳتي هلي اسان جي شعر و ادب جي مقداري نوعيت کي معياري نوعيت ۾ تبديل ڪندا ۽ اسان جي شعر و ادب ۾ پنهنجي پوري سُونهن ۽ سوڀيا سان پنهنجو سفر جاري رکي سگهاري سوچ جا ساکي بڻبا. تازو ستن نوخيز شاعرن جي گڏيل شاعري جو مجموعو مهاڳ لاءِ ڪٺي فياض منصور منهنجي غريب خاني تي پهتو، جنهن جي مهاڳ لِکڻ جي مون هامي بہ ڀري. هي مجموعو اهڙن شاعرن تي مشتمل آهي جن ۾ فن ۽ فڪر جو امتزاج موجود آهي بلڪ ڪِٿي ڪِٿي انهن نوجوانن خيال جي گوناگونيت سان گڏ بهترين تشبيهون محاورا ۽ ترڪيبون ڪم آنديون آهن ۽ ٻولي جو ڀرم پڻ رکيو آهي. سندن محنت ۽ رياض مان لڳي ٿو تہ اهڙا شاعر ئي اسان جي ايندڙ دور جا ادب جي اُفق تي جڳمڳائيندڙ ستارا ٿي اُڀري ايندا ۽ اسان جي وقت ۽ حالتن کي پُرجهي پروڙي سرجڻهاري وسيلي پنهنجي دور جي تاريخ مرتب

ڪندا. هنن جي ڪلام ۾ جتي دل کي ڇُهندڙ رومانيت آهي، اُتي خيال جي ندرت ۽ ويرائٽي بہ موجود آهي. جڏهن انهن ۾ گهرو وجي سوچجي ٿو تڏهن معلوم ٿئي ٿو تہ انهن جي نو عمري ۾ هن جي ٻولن ۾ ڪافي پُختگي ۽ معنيٰ خيزي داخلي ۽ خارجي ڪيفيتون ۽ عصري تقاضائون هر پاسي کان لياڪا پائيندي نظر اچن ٿيون ۽ اهڙن جي حوصلا افزائي اسان تي فرض ٿئي ٿي.

اڄ ڪلهہ سنڌ ۾ گڏيل شاعري جا مجموعا ڇپائڻ جو جيڪو رجحان پڪڙيو آهي انهن اسان جي نوجوان شاعرن جي تخليقي اُتساهہ کي پڙڪائي وڌو آهي ۽ انهن جي لِڪل صلاحيتن کي عام ڪرڻ ۾ قابل قدر هَٿي ڏني آهي. جتي پنهنجا جُداگانہ مجموعا ڇپرائڻ جو ساهس ناهي اُتي اهي نوجوان پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي گڏيل مجموعا ڇپرائي پنهنجي دور جي ادبي تاريخ مرتب ڪري رهيا آهن. سنڌ تہ وسيع آهي پر جيڪڏهن فقط دادو ضلع تي نظر وجهبي تہ هيئنر تائين ضلع دادو جي مختلف ڳوٺن شهرن مان ڏهاڪو کن اهڙا گڏيل شعري مجموعا ڇپجي چُڪا آهن.

سيتاروڊ مان هن کان اڳ گڏيل شاعري جو مجموعو " ڌهر منجهہ ڏيئا " حصو پهريون وسيم آڪاش سيتائي ڇپائي پڌرو ڪيو جنهن ۾ سترهن شاعرن جو منفرد ڪلام آندل آهي اجا اُن جو حصو ٻيو تيارين جي مرحلن ۾ آهي تہ اُتان جي نوجوان شاعر فياض منصور گڏيل شاعري جو مجموعو " چوڏس مينگهہ ملهار " منظرِ عام تي آندو آهي. هِن مجموعي ۾ جيڪي ست شاعر شامل ڪيا ويا آهن سي سڀ جو سڀ سيبتا ۽ سُريلا شاعر آهن ۽ سندن سرجيل سُرهي ذات مان فياض منصور

چُوندِ ڪري نموني طور ڪلام ڏئي هڪ خوبصورت گُلدستي جي روپ ۾ سينگاري اسان سڀن اڳيان پيش ڪيو آهي. سندن ڪلام جي گهري اڀياس ڪان پوءِ آئون هِتي انهن جو فردا فردا ذڪر ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو.

هن مجموعي جو پهريون شاعر **عزيز سولنگي** آهي.
عزيز سولنگي فن ۽ فڪر جي حوالي سان پُختو ۽ مضبوط بيٺل نظر اچي ٿو. هن جو چُوندِ ڪلام هن مجموعي جي زينت بڻيل آهي سندس مطالعي ۽ مشاهدي جو عڪس پيش ڪري ٿو.
هن جي غزل جو انداز نئون نڪور آهي ۽ منجهس داخليت جو عنصر نمايان آهي.

دل جي اُجري ديس تي آخر جهان،
ڇو ٿو اُڇلائي پيو آلودگي.

واءَ جا جهونڪا جهليان ٿو.
جهول ۾ تاندا جهليان ٿو.

وٽس تشبيهون بہ نيون آهن جهڙوڪ خواب جا پنڇي ۽ اکين جا بيد مشڪ

لهن ٿا خواب تي پنڇي،
اکين جي بيد مشڪن تي.

سندس موضوع اسان جي عمري تقاضائن مطابق آهن جن ۾ اسان جي سماجي ۽ اجتمائي مسئلن جي اُپٽار آهي. سندس واين ۾ وقتائتن موضوعن سان گڏ نئون اسلوب آهي.

دل ڪي گدري جيان،
وقت ڪيون ڦاڪون،

## ڪنهن تي ڏوهہ ڏيان.

پٿر جي گهر ۾،
سپنن جو شيشو،
نيٺ ڀڄي پوندو.
هي وائي ڇند جي عيوض عروض تي ٻيٽل آهي جو سندس الڳ شعري تجربو لڳي ٿو " فاعلاتن فاعلن " جي وزن تي آهي.
ٿَرَ جيان منهنجو بدن،
بارشون طلبي پيو،
تون ڪڪر ٿي اچ پرين.
عزيز وٽ موضوعن جي گوناگوني ۽ گلوڪاري قابلِ ديد آهي جيڪڏهن هي نوجوان ان انداز ۽ رفتار سان شعري فن جي ڀرپور مطالعي ۽ پنهنجي سماج جي ڳُوڙهي مُشاهدي سان تخليقي عمل کي جاري ساري رکيو تہ هو پاڻ کي ادبي حلقن ۾ جلد مڃرائي سگهندو ڇو تہ وٽس هيئنر ڪان ئي قابلِ رشڪ اظهار جي جرئت موجود آهي، رومانس ۽ سماجي عڪاسي جو بہ وٽس ڏانءُ موجود آهي جيڪو دلنشين بہ آهي تہ دلفريب بہ !!
هن مجموعي جو مرتب شاعر **فياض منصور** جتي پنهنجي دوستن جو نفاست ۽ نزاڪت سان ڀريل ڪلام هن مجموعي جي زينت بڻايو آهي اُتي پاڻ بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ خوبصورت خيال ڪٺي شامل ٿيو آهي. فياض منصور ۾ جيڪا تخليقي عمل ۾ اڳيرائي ڏسجي ٿي سا ڏاڍي حيرت انگيز بہ آهي ڪافي اُميد افزا بہ !! ۽ ان مان ان ڳالهہ جو اندازو لڳائڻ ۽ چوڻ ۾ ڪا بہ هچڪچاهٽ نہ ٿي رهي تہ هي اڳتي هلي غزل جو

سنو شاعر ثابت ٿيندو _ هن عمر جي شاعرن ۾ فني ڪچايون هونديون آهن ۽ عاميانہ نوعيت جا ڪچا ڦڪا شعر چوندا آهن، مگر فياض منصور جي شاعري پڙهڻ ڪان پوءِ معلوم ٿيندو تہ هن وٽ هاڻي ڪان ئي بي پناهہ تخليقي ۽ فڪري سگهہ موجود آهي. هن جا موضوع رومانيت سان گڏ هن ڌرتي ۽ سماج سان لاڳاپو رکن ٿا، جن ۾ مِٽيءَ جي مهڪ ۽ ثقافتي هُڳاءُ آهي ۽ پنهنجي عهد جو احساساتي پهلو آهي. سندس خيال جي اثرائتي جهلڪ هن جي غزلن ۾ وڌيڪ عيان آهي.

ٿو اُجهائين ديپ جنهن جي آس جا،
سو تہ سڀ ڪجهہ تنهنجي خاطر پيو ڪري.

درد جاڳي پون ننڊ مان ٿا تڏهن،
سار جا ساز جڏهين ڇڙي ٿا پون.

درد جو ننڊ مان جاڳڻ، سار جا ساز ڇڙڻ انوکيون شعري ترڪيبون آهن. فياض منصور وٽ ٻولي ۽ لفظن سان ورتاءُ گهڻو سپاويڪ ۽ سلوڻو آهي. سندس غزل کي پوري فني بندش ۾ رکڻ جو ڏانءُ بہ وٽس موجود آهي.

تنهنجا ٿورا پري نہ ويو آهين،
درد ! تون همسفر رهيو آهين.
نينهن ! ننگو هُيس مان توڪان اڳ،
تو ڍڪيو، منهنجو تون وڳو آهين.

نہ اجرڪ ڪُلهن تي اجا آس پاتو،
نہ ئي ميندي سپنن هٿن تي آ لاتي.

هلي آءُ ساهن جا سرواڻ هاڻي،
ڏکهي درد جي ٿي وئي آ حياتي.

**انجم ناٿن شاهي** وٽ خوبصورت ۽ موثر لهجو آهي. وٽس اظهار جي جرئت ۽ انوکو ابلاغ موجود آهي. سندس شعر ۾ جتي رواني بہ آهي اُتي سلاست بہ آهي هُن جي شعري ڪئنواس تي قافين ۽ رديفن جو بہ نرالو رچاءُ ۽ رنگ نظر اچي ٿو. غزل جي ٻولي دل ۾ پيوستہ ٿيندڙ ۽ بهترين رديفن جهڙوڪ " آهي سا آهي " " انجم ڪي " ۽ " ٽاڪي پئي " جي چونڊ هن جي شاعرانہ مهارت جي ساک پري ٿي.

اجا تو ۾ انا آهي سا آهي،
اسان جي دل ڀڳا آهي سا آهي.

هر گهڙي تنهنجي سار انجم ڪي،
اڄ ڳڻيا انتظار انجم ڪي.

لائي ڇاتي سان ٻنڌ ٽاڪي پئي،
پاڻ کي مون ساڻ جڻ ٽاڪي پئي.

فڪري حوالي سان سندس سماج تي بہ عقابي نظر کُتل آهي جيڪا هن جي حساسيت جي ضامن آهي، ماحول ۽ معاشري جي مسئلن ڏانهن پاڻ کي متوجهہ رکڻ بہ هو پنهنجي شاعرانہ ذميواري سمجهي ٿو.

ماس يا آڱر جو وڇڻ نيڪ آ،
دل جو پر وڇڻ ڏکيو، ڏاڍو ڏکيو.

جي منصوري سڏ ٿيو ڪو،
سوري ڏي مان سنبري ويندس.
آزاديءَ جو نعرو آهيان،
پٿر تي پيي اُڪري ويندس.
پڙهندڙ ڪي پاڻ ڏانهن مُتوجهہ ڪندڙ موضوع ، هن جي ادبي مستقبل ڪي تابناڪ ۽ روشن بڻائڻ ۾ سون تي سهاڳي وارو ڪم ڏيندا. ڇو تہ هو ڄاڻي ٿو تہ جمالياتي تخيل ۽ سماجي مسائل ڪي هو ڪهڙي طرح امتزاجي رنگ ۾ بهترين لفظن ۽ لهجن سان سموهي سگهي ٿو. اهو جذبو ۽ محرڪ ڪيس ادبي ميجتا ڏيارڻ ۾ مرڪزي حيثيت جو حامل رهندو ۽ اڳتي هلي موضوعن جي حوالي سان ڪيس هم گير شاعر بڻجڻ ۾ ڪارگر ثابت ٿيندو

**حافظ "عبد" چنہ** جيڪو هن پوري مجموعي جي شاعرن ۾ ڪم عمر نظر اچي ٿو، جيتوڻيڪ هن مجموعي ۾ شامل ٻن شاعرن جي جنم تاريخ نہ ڄاڻائي وئي آهي تاهم اندازو آهي تہ هو سيني ۾ ڪم عم آهي پر پنهنجي فڪري ڄمار ۾ پنهنجي طبعي ڄمار ڪان مٿاهون نظر اچي ٿو جيئن فارسي ۾ چوڻي آهي " بزرگي بہ عقل است نہ بہ سال " ( وڏائي عقل سان ليکي ويندي آهي نہ عمر سان ) حافظ عبد چنہ جي خصوصا غزل جي صنف ۾ گهرائي بہ آهي تہ گيرائي بہ . فني حوالي سان بہ لفظن جي عروضي صوتيات، حرڪات ۽ سڪنات جو هر ممڪن خيال ڪيو اٿائين. وزن بحر قافيہ ۽ رديف جي بندش ممڪن حد تائين برقرار رکي اٿائين. موضوعي حوالي سان بہ سندس غزل

۽ تغزل جو رنگ ڏاڍو واضع، موثر، دلڪش ۽ دلنشين نظر اچي ٿو. جنهن ۾ حيرت انگيز گلڪاريون ۽ منظر نگاريون آهن.

تنهنجي يادن جي جنڊ ۾ جانان !
جيءُ منهنجو ڏري ٿي چانڊوڪي.

هُوءَ نہ آئي سَرء سياري ۾،
ڪجهہ نہ سوچيائين منهنجي باري ۾.

ماس ڪوري رهي آ تنهائي،
جيءُ جهوري رهي آ تنهائي.

آئون مِٽيءَ جي مُورتي آهيان،
مون کي پوري رهي آ تنهائي.

سندس شعرن ۾ داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن جا موثر زاويا سمايل آهن. هو غزل کي جديد رنگ ڏيڻ ۾ ڪامياب نظر اچي ٿو.

آهي اوهان وسايو، هُت شهر روشنين جو،
هن ڳوٺ ۾ ڳهيلا، هاڻ اسان اڪيلا.
هن عشق جي سفر ۾، ۽ نينهن جي نگر ۾،
آهيون نوان نويلا، هاڻ اسان اڪيلا.

ترڪيبن ، تشبيهن جو وڻندڙ استعمال، پنهنجي دور جي مختلف سماجي رخن جي عڪاسي هن کي سنڌ جي بهترين غزل گُو شاعرن جي صِف ۾ شامل ڪرڻ ۾ دير نہ لڳائيندي. شعري رياض ۽ مشق آزمائي، فن ۽ فڪر سان قريبي وابستگي هن کي مستقبل جي سُني شاعر هُئڻ جي ضامن ۽ امين آهي.

**وفا گل محمد جمالي** جو غزل روايت ۽ جدت جو خوبصورت سنگم آهي. هن جي غزل، وائي ۽ نظم تي يڪسان دسترس آهي. موضوعاتي حوالي سان هو سنڌ ڌرتي ۽ سنڌ واسين سان بي انتها محبت ڪندڙ ماڻهو لڳي ٿو هن جي دلي جذبات ۽ ڪيفيات جو رنگ غزل ۾ بہ ڇٽو پٽو آهي تہ ٻين شعري صنفن ۾ بہ !!

سُونهن جو سامان ٿي آ عيد تي،
او پرين ! مهمان ٿي آ عيد تي.
تو بنا گهر ۽ گهٽيون ويران سڀ،
مون مٿان احسان ٿي آ عيد تي.

وائي ۾ بہ سندس رومانٽڪ پهلو نمايان نظر اچي ٿو. سندس وائي ڇند بجاءِ عروضي وزن " مفعول فاعلاتن " تي رچيل آهي.

محبوب جي گهٽيءَ ۾،
۽ سنڌ جي مٽيءَ ۾.
آ موهہ مٽي پنهنجي. !!

هن پنهنجا دلي جذبا، دلي ڪيفيتون ۽ پرخلوص محبتون ۽ قربتون شعرن ذريعي پنهنجي ڌرتي واسين کي ارپيون آهن وٽس ڀرپور سماجي ۽ سياسي شعور موجود آهي ان ڪري هن پنهنجي محبوب ۽ مطلوب شخصيت ۾ بہ سنڌ ئي ڳولي لڌي آ.

سنڌ تنهنجي اکين جي نهارن ۾ آ،
نيڻ کڻ مان ڏسان ديس پنهنجو مني !
ديس جنهن ۾ سوين جنتون ٿيون وسن،
بهشت جو پيي آهي تنهنجي نيڻن ۾ آ.
ڪو ڇٽو چنڊ تنهنجي برابر نہ آ

نيچ تارا ڪتيون تنھنجي آڏو لڳن
سارو عالم چُني جي ستارن ۾ آ.
سنڌ تنھنجي اکين جي نھارن ۾ آ.

ھي چوسٹو بہ ان جي سنڌ سان بي لوث محبت جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو سنڌ جا ڏکي بہ آھي سوڳ ۾ ورتل بہ آھي جا مذھبي جنونيت ۽ دھشتگردي جي ور چڙھيل آھي.

امن اڄ آھي سوالي ، سنڌ سموري سوڳ ۾،
ڏينھن ناھي ڪو بہ خالي ، سنڌ سموري سوڳ ۾.
روز دھشت ، بم ڌماڪا، قتل و غارت آ ھتي،
ڪو ولي ناھي ڪو والي ، سنڌ سموري سوڳ ۾.

سندس نظم " عشق مظلوم آ عشق ظالم بہ آ " سڄو سارو تصوف جي رنگ ۾ انداز ۾ چيل آھي. ھُن ان نظم ۾ عشق ڪي اڻ ڳڻيون معنائون ڏنيون آھن جي پُرجھڻ ۾ پروڙڻ وٽان آھن.

**ذاڪر سيتائي** سيتا جي شاعراڻي مِٽي جي پيداوار آھي. سندس شعري تربيت ۽ سيرابي بہ اھڙي ئي خِطي ۾ ٿي آھي جيڪو سڄو سارو علم، ادب، ثقافت ۽ سنڌيت جو محور آھي.ھي دوست بہ حسن و جماليات سان گڏوگڏ سماجي شعور رکندڙ محبتي ۽ ملنسار شخصيت جو مالڪ آھي. علم ۽ ادب سان گھري وابستگي منجھس انيڪ گُڻ ۽ سُياء پيدا ڪيا آھن. شعري حوالي سان بہ ھو پختہ ڪلام شاعرن جي صف ۾ بيٺل آھي ۽ پنھنجي وس ۾ وت، علم ۽ آگاھي آھر شعر جي فني لوازمن ۽ ضابطن جي پابندي ڪندڙ آھي. خاص طرح غزل ھن جي پسنديده صنف آھي جنھن ۾ ھو پنھنجو مافي الضمير چٽو پٽو بيان ڪري ٿو.

مور ماڻهو مرن پيا تہ ٻہ،
آه و زاري وڌي وئي آهي.
ڪو نہ ٿيو امن حال ساڳيا هن،
مارو ماري وڌي وئي آهي.

جڏهن سار تنهنجي ٿي سوڙهو ڪري،
تڏهن درد ٿو پاڪرن ۾ پري.
سدا ساهہ سُرهو تنهنجي سار سان،
تنهنجي ياد جو دل ۾ ڏيئو ٻري.

سندس شاعري ۾ ڪم آندل ڪنايہ ۽ استعارا ، ترڪيبون ۽ تلميحون نج پنهنجي ٻوليءَ جون آهن، جن مان پنهنجي مِٽي جي مهڪ اُيري ۽ پڙهندڙ جو دماغ معطر ڪري ٿي.
اج ٻہ ذاڪر جي صحرا سندي من مٿان،
تون ئي برسات وانگر وسين پيو اجا.

جنهن گهڙي تنهنجي بدن کي مون چُميو،
ائين لڳو، جڻ جنتن کي مون چميو.
لڳاتار رياض ۽ مشق آزمائي هن جي بهترين شاعر هئڻ جي ضمانتدار ثابت ٿيندي چو تہ وٽس اهو شعري لهجو آهي جو روح کي تازگي ۽ طراوت بخشيندڙ آهي ۽ پنهنجي اندر جي ڳالهہ ٻين تائين پهچائڻ جو ماهرانہ ڏانءُ رکي ٿو.
**سرويچ ناٿن شاهي** جي شاعري جي اڀياس ڪان پوءِ ان چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿو رهي تہ هو سماجي شعور رکندڙ ۽ پلوڙ لهجي جو شاعر آهي. وٽس ڀرپور تخليقي صلاحيتون موجود

آهن. هو پنهنجي منفرد لهجي جو مالڪ آهي. ننڍڙن وزنن ۾ وڏي خيال کي سموهڻ جو وڏس آرٽسٽڪ ڏانءُ موجود آهي.

تنهنجي ئي پيار ۾ هان،
هر پل خمار ۾ هان.
مشڪل ٿِئي رِهائي،
تنهنجي نهار ۾ هان.

هن وٽ بہ پنهنجون مخصوص تشبيهون ۽ ترڪيبون آهن. اسلوب جي نفاست ۽ اظهار جي نزاڪت سندس شاعري ۾ موجود آهي. جدت ۽ جديت کان هي نوجوان هر زاويہ کان آشنا نظر اچي ٿو. سندس نظم ڪارو ڪاري جي رسم جا اسان جي سماج جي چهري تي بدنما داغ مثل آهي، تي رچيل آهي جيڪو پرتاثير ۽ وقت آميز آهي ان جون هي چند ابتدائي سِٽون پڙهڻ سان ئي هڪ دردمند دل گهڻو ڪجھہ محسوس ڪري ٿي.

تون چالئہ مون کي مارين ٿو،
ڇا ڄاڻين ٿو مان ڪاري هان.
مان توتي ور ور واري هان،
۽ تنهنجي پيڻ بہ پياري هان.
هي ڄاڻين پو بہ وسارين ٿو،
مان تنهنجي جيجل ڄائي هان،
ڇا ان لاءِ جڳ ۾ آئي هان،
جو اهڙو مون تي وار ڪرين،
۽ سر سِسيءَ کان ڌار ڪرين.

سرويچ کي اسان جي سمورن معاشرتي مسئلن جي آگاهي آهي. هُو سماج جي سمورين بي اعتدالين ۽ سفاڪين جاگيرداڻي

نظام جي ڪُڌين رسمن ۽ ريتن ۽ عام انسان تي جيڪو وهي واپري ٿو ان کان باخبر آهي. سرويچ کي پنهنجي فني رياضت ۽ مسلسل محنت سان سنڌ جي سگهاري ۽ سيبتي شاعر بڻجڻ ۾ دير نہ لڳندي ڇو تہ هو اهڙي ماڳ ماڻن ۾ تڪڙيون وکون کڻي رهيو آهي.

مجموعي طرح فياض منصور جي هن ترتيب ڏنل شعري گلدستي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ سندس هي ننڍڙي پروقار ڪاوش ادبي حلقن ۾ بارآور ۽ ڪارآمد ثابت ٿيندي.اُن ۾ سهڙيل شاعري پنهنجي عهد جي عڪاسي ڪندڙ آهي ۽ منجهس سنڌي سرجڻهارن جي دل جي ياون ، سياون، احساسن ۽ جذبن جي مُرصع ڪاري ڪيل آهي جا ايندڙ دور ۾ بہ پنهنجو دوام حاصل ڪندي. ان لاءِ آئون هن ڪتاب جي سهڙيندڙ فياض منصور کي دادِ تحسين ڏيان ٿو. اميد تہ هُو آئنده بہ پنهنجون توانائيون سنڌي ادب جي فروغ لاءِ وقف ڪندو رهندو.

**بشير سيتائي**

شاهہ آباد محلو دادو سنڌ



نالو ؛ عزيز الله

والد جو نالو ؛ حاجي محمد عيدن سولنگي

ادبي نالو ؛ عزيز سولنگي

جنم جو هنڌ ؛ سنڌ ڪالوني مورو

جنم جي تاريخ ؛ 02 مارچ 1985ع

ادبي وابستگي ؛ ممبر سنڌي ادبي سنگت ( مورو )

ڇپيل ڪتاب ؛ ڪو بہ نہ

اڻ ڇپيل ڪتاب ؛ 1 مٽيءَ جا غزل 2 اڌوريون ڪوتائون

تعليم ؛ ايم اي ( سوشيالاجي )

ڌنڌو ؛ ٽيلر ماسٽر

ايڊريس ؛ الک ٽيلرز مَلڪ بازار مورو

0301_ 2629548

0314 5818617

# غزل

وارجي وجڻ تي دل چاهيو،
مارجي وجڻ تي دل چاهيو

مان وفا جو واعدو آهيان،
پارجي وجڻ تي دل چاهيو

شرط شوق مان رکي هن سان،
هارجي وجڻ تي دل چاهيو

دردناڪ وقت جو پل هان،
گهارجي وجڻ تي دل چاهيو

سوجهرو جهان کي ڏيندي،
ٻارجي وجڻ تي دل چاهيو

قرب مون سان ڪرڻ ڇڏي ويندي،
دل جي ڦرٽي ڦرڻ ڇڏي ويندي.

هُوءَ بيني ڪٽي آ ڪانياٽي،
زندگاني ڇُٻڻ ڇڏي ويندي.

آس منهنجي تڏهن ٽي روئي پئي،
چو تہ ٻيهر رُئڻ ڇڏي ويندي.

هٿ سان جي پٽي ڇڏيندي پرَ،
دل جي جهرڪي اُڏڻ ڇڏي ويندي.

دل جا آتا نہ جي ڪندي پورا،
ڪيئن چوان دل پنڻ ڇڏي ويندي.

قرب جو مينهن جي وسائيندي،
آڳ تن جي ٻرڻ ڇڏي ويندي.

بي خودي ديوانگي آوارگي،
روح سان لايو وتي ٿي زندگي.

چاھ جي ٻُک تي چٻاڙي چنڊ کي،
۽ ستارن کي پيئي ٿي تشنگي.

سوچ جا سڀ سمنڊ آهن سوچ ۾،
رب ڪري انسان جي پيو بندگي.

گلستان جا گُل اُنهيءَ کي ڪيئن وڻن،
جنهن پسي آ عشق ! تنهنجي تازگي
.
شعر شهرت جا چُمن رُخسار ڪيئن،
وقت جي لهجي ۾ آ بيدادگي.

دل جي اُجري ديس تي آخر جهان،
چو ٿو اُجلائي پيو آلودگي.

رات عذابن واري آهي،
دردن کئي بم باري آهي.

تنهنجي يادن جي پاڻيءَ سان،
پنهنجي دل آگهاري آهي.

منهنجا لڙڪ نہ رنگ چڙهيندا،
مُلهہ مُکا مختياري آهي.

وقت کان اڳ ئي ڦاٽي ويندو،
جنهن کپڙي ۾ گهاري آهي.

هڪڙي اک آسودي جڳ جي،
ٻي اکڙي ويچاري آهي.

کوڙ نہ کجهہ چَورائي سگهندو،
سچ جي چوکيداري آهي.

دل جي کُڏ مان چين اُڏائي،
ٻُڌتي جيون ڏاري آهي.

تون مان گڏجي ديپ جلايون،
اڄ اڄ رات ڏياري آهي.

سپنو سپنو پُنگ پريندو،
اک اک ۾ پاتاري آهي.

چند وفا جو آيو اُڀري،
چاندوڪي چوڌاري آهي.

بارشون وسي رهيون آهن،
بي وسيون پُسي رهيون آهن.

چانئجي وجي تي اُونداهي،
ٻ ٻتيون وسي رهيون آهن.

چو الائي توبِچي نظرون،
وار سپ گسي رهيون آهن.

مارجن ٽا چند روزانو،
ٻ ڪتيون پُسي رهيون آهن.

وقت جي سليٽ تي پينون،
ڪيترون گسي رهيون آهن.

واڌ درد ڪائيندا رهيا،
ٻ خوشيون سُسي رهيون آهن.

پيار جي ڀُلاءَ مان اڪڙيون،
اڄ ڀري بسي رهيون آهن.

واءَ جا جھونڪا جھليان ٿو،
جھول ۾ ٽاندا جھليان ٿو.

ٿڪ ٽڏڙا سپ ورهائي،
لڙڪ مان ڪوسا جھليان ٿو.

تون سچا موتي ڪٽي وڃ،
مان سِڪا ڪوٽا جھليان ٿو.

پين جي بندوق تاڻي،
ڏاڍ جا ڏاڳها جھليان ٿو.

سُڪَ هٿن مان ويا ڇڏائي،
سُور سپ سوگها جھليان ٿو.

آهيان مُورک عزيز،
سچ اڳيان شيشا جھليان ٿو.

قرب جي ڪائنات ڪان پاسي،
روح آهي نجات ڪان پاسي.

دل ڪان تخليق تي آ اونداهي،
چنڊ آهي جو رات ڪان پاسي.

پيار بخشي آ زندگي اهڙي،
درد آ دل جي ذات ڪان پاسي.

شعر نابين تي پيا آهن،
ڏانءَ جوڙيا جو ڏات ڪان پاسي
.

سو سُڪل پن جيان ڇڻي ويندو،
جيڪو آهي ثبات ڪان پاسي.

سُڻ توکي نہ منهنجي سورن جي،
تون رهينءَ بات بات ڪان پاسي.

انت ٿيئڻو آ وقت تي سڀ جو،
ڪو بہ رهندو نہ مات ڪان پاسي.

تنهنجي ئي ورد آ رکي منهنجي،
زندگي مشڪلات ڪان پاسي.

تون ٻُرڪين لوڙ زخمن تي،
تڏهن ٻيي منهنجي نيڻن تي.

جفا تنهنجيءَ جا سپ پٽر،
قبوليان دل جي شيشن تي.

وفا جي آب سان ڌوئين،
وڇوڙا داغ ڪپڙن تي.

هجر جو وقت ڪاٽيان ٿو،
نچائي نانگ رستن تي.

ٻرن ٿا تو بنا ٻاڙا،
ستارا من جي ماڳن تي.

پِيا بن منظرن کي ڏِس،
هجن ٿا داغ چهرن تي.

لهن ٿا خواب ٿي پنڇي،
اکين جي بيد مُشڪن تي.

# وائي

دل کي گدري جيان،
وقت کيون ڦاڪون !
ڪنهن تي ڏوهہ ڏيان.

ڪنهن وٽ ڪاتي آ،
ڪنهن وٽ آ چاڪون !
ڪنهن تي ڏوهہ ڏيان.

منهنجي ياڳن جون،
اُجڙيون اوطاقون.
ڪنهن تي ڏوهہ ڏيان.

اڄ بہ دلا ڏُکَ جا،
ڍوئن ٽيون ڍاڪون.
ڪنهن تي ڏوهہ ڏيان.
هڪڙي آدم جون،
سهسين پوشاڪون.
ڪنهن تي ڏوهہ ڏيان.

پٽر جي گھر ۾،
سپنن جو شيشو،
نيٺ پڃي پوندو.

اکڙين آ جوڙيو،
نازڪ ڪو سپنو.
نيٺ پڃي پوندو.

سوچي ٿو شوڪيس،
ڪاشيءَ جو تحفو.
نيٺ پڃي پوندو.

ڳٽتيون ٿيون گھوٽن،
جيون جو ڪُوندو.
نيٺ پڃي پوندو.

آڇ نہ عرياني،
نيٽن جو روزو.
نيٺ پڃي پوندو.

گلڙا گهائي ٿو،
وحشي چيلاٽو،
خوشبو روئي ٿي.

پنڇڻ آهہ ڏنو،
پن پن کي ساٽو.
خوشبو روئي ٿي.

مُلهہ نہ ماڻيندو،
ٻارو پاڇاٽو.
خوشبو روئي ٿي.

ڪنڊ لُٽي ٿو پيو،
لالچ جو ڏاٽو.
خوشبو روئي ٿي.

نيٺ ويو وڃي،
گلشن کو گهاٽو.
خوشبو روئي ٿي.

ٽر جيان منهنجو بدن،
بارشون طلبي پيو.
تون ڪڪر ٽي اچ پرين.

چاهہ منهنجو باهہ جيان،
آتشون ڀڙڪي پيو.
تون ڪڪر ٽي اچ پرين.

سار جي تندور ۾،
روح ٿو ڀڄري پيو.
تون ڪڪر ٽي اچ پرين.

جنوريءَ جي جوءِ مان،
جون ٿو گذري پيو.
تون ڪڪر ٽي اچ پرين.

ڏاتي ڏوءِ نہ ڏُکَ
ٻوڙها اَٽئي ٻورا.
ڪاري منجهند ڪاهي،
آئي آهي لُکَ.
ڏاتي ڏوءِ نہ ڏُکَ.
ٻوڙها اَٽئي ٻورا.
مور نہ ڏوئي سگهندين،
اوسيئڙي جي ٻُکَ.
ڏاتي ڏوءِ نہ ڏُکَ.
ٻوڙها اٽئي ٻورا.
نوڪيل جيءَ جي ڪٽ مان،
نڪري ويندئي چُڪَ.
ڏاتي ڏوءِ نہ ڏُکَ.
ٻوڙها اَٽئي ٻورا.
ميرا هوندا سجدا،
ميري ناهي نُکَ.
ڏاتي ڏوءِ نہ ڏُکَ.
ٻوڙها اَٽئي ٻورا.

اُڇلائي مان ڇڏيان،
سپ خواب ڪڏ ۾،
دنيا سهي نہ ٿي.

ڪاٽي ڪنئي ڏُڪن،
جيون جي اَڏ ۾.
سپ خواب ڪڏ ۾،
دنيا سهي نہ ٿي.

ٺوڪي پيو ڊڪڻ،
ڪوڪا ڪي هڏ ۾.
سپ خواب ڪڏ ۾،
دنيا سهي نہ ٿي.

اوٺي لڏي ويو،
لڙڪن ڪي لڏ ۾.
سپ خواب ڪڏ ۾.
دنيا سهي نہ ٿي.

سپني جو سپنو،
آهي سپني ۾.
رات ڏلي تي پئي.

نيڻ لُڏن تا پيا،
ننڊ جي پينگهي ۾.
رات ڏلي تي پئي.

تو وٽ آيو هان،
توسان ڪمري ۾.
رات ڏلي تي پئي.

ياڳن وارو هان،
پيار جي ليکي ۾.
رات ڏلي  تي پئي.




نالو ؛ فياض علي سولنگي

ادبي نالو ؛ فياض منصور

ولديت ؛ منصور سيتائي

جنم تاريخ ؛ 1991 06 26

جنم هنڌ ؛ سيتاروڊ

تعليم ؛ بي اي

ادبي ابتدا ؛ 2005ع کان

ادبي سڃاڻپ ؛ شاعر، نثر نويس

ادبي استاد ؛ منصور سيتائي

ادبي وابستگي ؛ جوائنٽ سيڪريٽري 2010 کان 2014 تائين 2014 کان ميمبر

سنڌي ادبي سنگت ( شاخ ) سيتاروڊ

مستقل پتو ؛ سيتاروڊ وارڊ نمبر 4

فون نمبر ؛ 03332982152

هُو پُڇن ٿا ڇا ٿو شاعر پيو ڪري ؟
اُلفتن جا گل نڇاور پيو ڪري.

تو اُجهائين ديپ جنهن جي آس جا،
سو تہ سڀ ڪجھہ تنهنجي خاطر پيو ڪري.

اڄ منهنجو ايمان مشڪل سان بچي،
هُو ڪٽي اکڙيون تہ ڪافر پيو ڪري.

تون اجايو ٿو لڪي چوري ڪرين،
عشق خود ئي توکي ظاهر پيو ڪري.

ڪين آ فياض هُن ڪان وسريو،
ياد هُن کي اڄ بہ ياڪر پيو ڪري.

آس جا گُل هزارين ڪِڙي تا پون،
لفظ سُورج مُکي جيان ٽِڙي تا پون.

در خيالن جا ٽوڙي اچن تا ءِ پو،
گيت ڪاغذ اڱڻ ۾ ڪِهڙي تا پون.

وار چوڙي اڱڻ تي اچين تي جڏهن،
چنڊ تارا مٿان تو مِڙي تا پون.

درد جاڳي پون نند مان تا تڏهن،
سار جا ساز جڏهين ڇِڙي تا پون.

چو ٿو فياض روڪين سڄو ڏينهن تون،
لُڙڪ منهنجا ئي مون سان ڇِڙي تا پون.

لُڙڪ اُگهي ڳل لائي ٿي پئي،
تنهائي پرچائي ٿي پئي.

پل پل تنهنجي سارَ ۾ سِڪ جي،
سُوليءَ تي لٽڪائي ٿي پئي.

تارا تارن منجهہ اٿس ۽،
چنڊ سان دل وندرائي ٿي پئي.

ڳوڙهن ساڻ اُجهايان سا ڪيئن،
پريت جا آڳ لڳائي ٿي پئي.

ڪيئن فياض قضا تيندي جا،
سُونهن نماز پڙهائي ٿي پئي.

درد گهاٽي ۾ پيا تا پيڙائن،
پنهنجي پورن کي چئہ نہ تڙپائن.

روڪ نيٽن کي پنهنجي او جانان !
ائين نہ منهنجي اکين کي هيرائن.

توسوا سانوڻيءَ جا بادل پيي،
مون تي شعلا پيا تا برسائن.

چنڊ آتت ڏئي تو پل پل پيو،
لائي تارا ڳلي تا پرچائن.

تون جي آهين تہ هو جمالا هِن،
گيت ڪيڏارو توسوا ڳائن.

خيال تنهنجا هي خيال ساڙولا،
خيال ۾ خيال ڪيئن تا بدلائن.

پو باهہ جيان ٿيون جلن اکيون،
جي پل نہ توکي ڏسن اکيون.

ڇڏي اوهان جو، جي در ويون،
پيون سي در در، رُلن اکيون.

جُهڪي وجن پير مير سڀ،
پرين جي پنهنجون کڻن اکيون.

ڪڏهن بہ تومان نہ ڍاپيون،
پيون ٿيون سڪ ۾ سڪن اکيون.

ٽِڙي پون ٿيون گُلاب جيان،
تنهنجو جي سپنو ڏسن اکيون.

فياض جي تون اگڻ تي آ،
تہ پير تنهنجا چُمن اکيون.

تنهنجا ٿورا پري نہ ويو آهين،
درد ! تون همسفر رهيو آهين.

منهنجي دل جي تہ طُور سينا تي،
تون تجلي ئي ٿي لٿو آهين.

آئون تاسو رهيس نہ پياس لَٿي،
نيٺ ڪنهن لئہ تڏو گهڙو آهين ؟

نِينهَن ! ننگو هُيس مان توڪان اڳ،
تو ڏِٺيو منهنجو تون وڳو آهين.

سنڌ جا سُور تون بہ لکندي ڪوي !
پنهنجي گيتن سان گڏ رُنو آهين.

نار فياض آهين اڪڙين جو،
ڪير ٿو چئي تہ تون بُرو آهين.

اکيون کڻي ڏسانس ٿو،
ڏسيو پيو نرانس ٿو.

نہ ٿي اچي کڏھن لڙي،
گھڙي گھڙي وڃانس ٿو.

نہ سمجھي ٿي بندو مون کي،
خدا ڪري ميڃانس ٿو.

ٻُڌي ٿي اڻ ٻُڌي ڪري،
مان سڏّ سان ورانس ٿو.

چوي ٿي ڪُجھہ نہ ٿو لڳين،
ٿِيانءِ ڇا، پُڇانس ٿو ؟

سمورا غم لڪائي ۽،
کِلي اچي ملانس ٿو.

خزائن ۾ بھارون مون لئہ آڻيندا يا ايئن ھوندس...؟
ۓ سپنا منھنجا ساپيائن کي ماڻيندا يا ايئن ھوندس...؟

ازل کان ٿو پيو سوچان، تنھنجا جي پيارَ آھن سي،
منھنجي دل جي چِنل ڳٺَ کي بہ واڻيندا يا ايئن ھوندس...؟

رُڳو ھي روح مُنھنجو پيو فقط تولاءِ تاڻيندو،
اوھان جا نيڻ منھنجي لئہ بہ تاڻيندا يا ايئن ھوندس...؟

چڙي ڏيندا ڪرڻ چٽرون، منھنجا ھمراز ٿي پوندا،
ڏِسي ھي حال تارا نيڻ ڄاڻيندا يا ايئن ھوندس...؟

درد جيڪي ٻہ ڏين تہ ڏي مون کي،
هاڻي روئڻ نہ ٿو اچي مون کي.

گيت آهيان ا گر ٻڌي ڪوئي،
ڪا ڪهاڻي هان ڪو پڙهي مون کي.

ٻڻجي گل شاخ تي ٽِڙان ٿو جيئن،
هو هٿن سان اچي پٽي مون کي.

ڪهڙي ڪوشش ڪيان مان اُڏرڻ جي،
ڪو اُڏاري ٿو پر ڪَٽي مو ن کي.

هار گُلڙن جو ڪين ٻڻيس مان،
جو هُو پائي پنهنجي ڳلي مون کي.

آئون فياض ڪورو چولو هان،
پرت وانگر اچي پري مون کي.

منهنجي هر آس جو ئي قاتل  تئين،
توکي حاصل ڪيم نہ حاصل تئين.

چاهي دنيا ۽ زندگي ڄاتم،
تون جو رڳ رڳ ۾ عشق ! شامل تئين.

چانڊني بيڪَ ۾ ملي توکي،
چنڊ ! جيئن هُن جي در جو سائل تئين.

توکي پل پل چُمي ٿي موٽيس پئي،
مان ٿِيس سمنڊ ۽ تون ساحل تئين.

توکي فياض ڪيئن چوان انسان،
تون ئي  چئہ پيار ڪان جو غافل تئين.

تون جو رُنين يار،
چنڊ بہ تارن کان رُنو.

سپنن جو پيو هانءُ چِڄي،
سُڏڪي پيئي سار.
چنڊ بہ تارن کان رُنو.

وچڙي ذات ڪَويءَ کان،
راڳيءَ کان سُر ڌار.
چنڊ بہ تارن کان رُنو.

ڪاڏي ويئي سان گُفتگو،
جهڙي ماکيءَ لار.
چنڊ بہ تارن کان رُنو.
دل جي پت ۾ ڪيئن پيا،
نفرت جا هي ڏار.
چنڊ بہ تارن کان رُنو.
ڪين مُڙن فياض تا
نيڻ بہ جڻ ڪي ٻار.
چنڊ بہ تارن کان رُنو.

جيءُ ۾ ڏي ڪا جاءِ،
سيني ساڻ لڳاءِ.
توکي چئي نہ سگهيس ڪڏهن.

منهنجي محبت جو ڪڏهن،
لٽڙو لِڱڙن پاءِ.
توکي چئي نہ سگهيس ڪڏهن.

جيسين ساهہ سرير ۾،
تيسيتائين نپاءِ.
توکي چئي نہ سگهيس ڪڏهن.

بهتر ورسيءَ کان اَٿئي،
ڪنهن سان شام ملهاءِ.
توکي چئي نہ سگهيس ڪڏهن.

لکي نانءُ فياض جو،
ميندي هٿڙن لاءِ.
توکي چئي نہ سگهيس ڪڏهن.

## ( نچي ٿو غم )

ستارن تي پکڳا آرس،
ڏنيون پئي رات اوٻاسيون،
سُمهي پيو چنڊ پي رولُو،
تنهنجي پر ياد جا ڏيئا،
ٻرن پيا من جي مندر ۾،
خيالن کان، خيالن مان،
اجا تائين لٿي ناهين،
اجا اکڙين جي شيشي ۾،
ڏسان ٿو پيو چِٽي آهين،
آ ٿاهيو دل ۾ آکيرو،
نظر تنهنجي پَکيءَ جي ئِي،
اُميدن جا اجا پوپٽ،
پيا اُڏرن ٿکا ناهن،
جڏهن توکي ڏسي ٿو غم،
ٻڌي ڇيرون نچي ٿو غم.

ڏينهن مدهوش آ مون جيان،
رات چيرون ٻڌي ٿي نچي.
تو اچڻ جو چيو آ سکي،
ڏات سُرخي هڻي ٿي نچي.

توسوا ڪيئن دل ڪُڏي ڪنهن تي،
منهنجي اک ئي نہ ٿي ٻُڏي ڪنهن تي.
منهنجي دل جو پڪي ڪُنو پيو آ،
پَرَ نہ ٿَس دوست ! ڏَسِ اُڏي ڪنهن تي.

نہ اجرڪ ڪُلهن تي اجا آس پاتو،
نہ ئي ميندي سپنن هٿن تي آ لاتي.
هلي آءُ ساهن جا سرواڻ هاٹي،
ڊگهي درد جي ٿي وئي آ حياتي.



نالو ؛ عمران سومرو

ادبي نالو ؛ انجم ناٿن شاهي

ولديت ؛ غلام حيدر سومرو

جنم تاريخ ؛ 1987 02 25

لکڻ جي شروعات ؛ 2003

تعليم ؛ ايم اي _ ايل ايل بي

ادبي استاد ؛ گلزار سيال ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ خيرپور ناٿن شاھ

0333296754

هُن کي چئجو تہ دل نہ ايئن ٽوڙي،
هُن کي چئجو تہ ربطہ ڪي جوڙي.

هن کي چئجو تہ رات ٽي ويندي،
ڏينهن ۾ وار هُو متان چوڙي.

هن کي چئجو تہ ڇا نہ ٿي ڄاڻي...؟
زندگي موت ڏي پئي ڊوڙي.

هن کي چئجو تہ دل جي دنيا ۾،
ڪا خوشي پير ئي نہ ٿي کوڙي.

هن کي چئجو تہ ٽا چون سپنا،
ساپيائن جا شهر ڪي ووڙي.

هن کي چئجو تہ ڏسي انجم کي،
ڪيتريون فرقتون اجان چوڙي.

دنيا سوني ساري آ،
دل جي چاهت واري آ.

هڪڙي صورت آ جيڪا،
مون کي مون کان پياري آ.

خودڪش حملن جو ڪارڻ،
ذهنن جي بيماري آ.

چوري ٿيل جاگيرن جي،
کهڙي چوڪيداري آ.

سڀ خوشيون توسان ويون،
هاڻي دنيا داري آ.

عشق ڪئي جڳ ۾ توئي،
ڪيڏي ناماچاري آ.

انجم دنيا ساري ۾،
محبت جو پرچاري آ.

اجان تو ۾ انا آهي سا آهي،
اسان جي دل ڳيا آهي سا آهي.

زهر هوندي بہ ماکي وانگي لڳندڙ،
حياتي بي وفا آهي سا آهي.

مُحبت ۾ ٿُلهي ليکي جي ڏسجي،
وڇوڙن جي وبا آهي سا آهي.

سڏن ٿا عاشقي جنهن کي اُها من،
ازل کان ئي عزا آهي سا آهي.

ٿئي جا روز توکان درگذر ٿي،
اُها منهنجي ڪٿا آهي سا آهي.

اجان انجم تي ساڳي ڪُلفتن جي،
روان تنهنجي عطا آهي سا آهي.

هر گهڙي تنهنجي سار انجم کي،
اڄ ڳٽيا انتظار انجم کي.

سور تنهنجا ۽ ڪجھہ زماني جا،
ڏُکَ تلخين جا ڏار انجم کي.

هجر تنهنجو ڏئي ويو آهي،
درد جا شاهڪار انجم کي.

تون نہ هونديئن تہ ڪيئن تي جاڳين...؟
ڪيئن ڦرندا بهار انجم کي.

ڇا يلا توکي ڏيڻ سُونهين تا...؟
ايترا انتظار انجم کي.

آءُ هڪوار تون هلي جانان،
پاءِ ٻانهن جا هار انجم کي.

هيئن هيڪل ڇڏي وئي آهين،
ڪنهن جي لئہ اشڪبار انجم کي.

وجي ڪاڏي ذري نہ ٿو هاڻي،
در ٿئي ئي پري نہ ٿو هاڻي.

پيار مون کي نہ ايڏو ڏيندي ڪر،
پيار مون کي ڦري نہ ٿو هاڻي.

درد پنهنجو ڪيو آ اهڙو جو،
ڪو بہ پنهنجو ڪري نہ ٿو هاڻي.

ڪاڏي ويئي ٻروچڪي تنهنجي،
“توسوا پل سري نہ ٿو هاڻي”

منهنجي ويران من جي ڪمري ۾،
ڪو بہ ڏيئو ٻري نہ ٿو هاڻي.

چين هوندو هو هڪڙو انجم جو،
سو بہ مون ڏي وري نہ ٿو هاڻي.

توري تنها تنها آهيون،
واريءَ تي جڻ ليڪا آهيون.

مُکَ تي مُرڪ سجايل آهي،
اندران ٽُڪرا ٽُڪرا آهيون.

ساپيائن جي رڻ ۾ پٽڪيل،
سُندرتا جا سپنا آهيون.

تنهنجي وڇڙڻ کان پو جانان!
حيرت آهي زنده آهيون.

پاڻ کي بس اعزاز اهو آ،
تنهنجا تنهنجا تنهنجا آهيون.

انجم تنهنجو سات نہ آهي،
صحرا ۾ جڻ سُڏڪا آهيون.

آس جو اگهجڻ ڏکيو ڏاڍو ڏکيو،
يار جو پرچڻ ڏکيو ڏاڍو ڏکيو.

پيار ۾ ميلاپ آ سوغات پر،
پيار ۾ وڇڙڻ ڏکيو ڏاڍو ڏکيو.

ماس يا آگر جو وڍجڻ نيڪ آ،
دل جو پر وڍجڻ ڏکيو ڏاڍو ڏکيو.

محب سان مرڪڻ نہ ٿيو مشتاق پر،
تانگھ ۾ تڙپڻ ڏکيو ڏاڍو ڏکيو.

يار جي ڇاتي تي انجم روئجي،
روز شب سُڏڪڻ ڏکيو ڏاڍو ڏکيو.

هر گهڙي درد جو نزول آهي،
توسوا زندگي فضول آهي.

عشق جا فلسفا ئي پنهنجا هِنِ،
عشق جو پنهنجو هر اُصول آهي.

پيار جيڪو ڏنو اکين تي آ،
پيار جو ٻي ڏنو قبول آهي.

وصل جيڪو قرار ڏيندو آ،
هجر مرڪي ڪندو وصول آهي.

عشق ئي پنهنجو رب رهيو آهي،
عشق پنهنجو رهيو رسول آهي.

لائي ڇاتي سان بڻڻ ٿاڪي پئي،
پاڻ کي مون ساڻ ڇڻ ٿاڪي پئي.

ازل تائين جو ڪڏهن ٽُٽڻو نہ آ،
مون سان ڪو اهڙو ٻنڌڻ ٿاڪي پئي.

وصل واري ياد جي تعويذ ۾،
هوءَ مشِنِ جو ميٽجڻ ٿاڪي پئي.

زندگي هن ساڻ مرڪي آ ملي،
زندگي هوءَ مون ۾ ڇڻ ٿاڪي پئي.

هوءَ انجم جي جيئڻ جي آرزو،
مونسان ڇڻ جيئڻ مرڻ ٿاڪي پئي.

عشق لڳو آ اُجريويندس،
سورج وانگر اُڀري ويندس.

او سانولڙا ! ڇا تو ڀانئين،
توکان سولو وسري ويندس.

جي منصوري سڏ ٿيو کو،
سوري ڏي مان سنبري ويندس.

آزادي جو نعرو آهيان،
پٿر تي ڀي اُڪري ويندس.

پيار جي ڪائي سرحد ناهي،
هر حد کان مان گذري ويندس.

انجم پيار پکيئڙو آهيان،
آخر پڙڪي اُڏري ويندس.

پيار هن پاسبان نيڻن جا،
نيڻ ئي ترجمان نيڻن جا.

ڪير دل جي زبان کي سمجهي،
نيڻ سمجهن بيان نيڻن جا.

روز تولاءِ ڏڳن ۾ هِن ديدون،
روز هن امتحان نيڻن جا.

تنهنجي پاڙي ۾ مون ڏٺا آهن،
ڪوڙ زخمي جوان نيڻن جا.

روح تي ڇاپِيا پَيا آهن،
آءُ ڏِسُ ني نشان نيڻن جا.

او ڙي ! انجم بچي بہ ڪيئن سگهندين،
ڏاڍا اوکا ٿئي ڪان نيڻن جا.

سورن جو ڪو ساگر آهي منهنجي دل،
آهہ و صدا جو اوتر آهي منهنجي دل.

ڪنهن مظلوم جي ڪُوڪڻ تي ٿي تڙپي پئي،
پيار سندو ڪو پيڪر آهي منهنجي دل.

شهر جي گُهٽيل ديوارن ۾ ڦاسي پيل،
ڳوناٽي ڪا چوڪر آهي منهنجي دل.

پيار ڪرڻ جي يار ڪُفر آ پو تہ ٻُڌو!
ڪافر آهي ڪافر آهي منهنجي دل.

هر دم جنهن ۾ رهندو آهين تون انجم،
تنهنجي ياد جو دفتر آهي منهنجي دل.



نالو : عبدالله

ادبي نالو : حافظ “ عبد ” چنہ

ولديت : غلام مصطفيٰ چنہ

ادبي استاد : معصوم بخاري

ڪِرت : شاگرد

جنم تاريخ : 1995 12 08

جنم جو هنڌ : جمع ناريجو ٽرڙي محبت تلعقو ميهڙ ضلع دادو

فون نمبر :

03073162313

آئون وڪريل هان پاڻ ميڙيان ٿو،
پنهنجون يادون پيو سهيڙيان ٿو.

دل ۾ دردن مچائي هل چل آ،
پنهنجي دل جا ٻڪيا اُڌيڙيان ٿو.

هاڻ خوشين جو فصل پوکيندس،
دل جي ڌرتيءَ تي کيت کيڙيان ٿو.

وَصل جو وقت آ وريو جانان !
هجر تنهنجي جو هنڌ ويڙهيان ٿو.

واءُ ٻڏجي مان عبد گيتن جيان !
پيار پل پل پيو پکيڙيان ٿو.

ڪِيس ڪيڏو ڪري ٿي چاندوڪي،
چين دل جو ڦُري ٿي چاندوڪي.

تنھنجي يادن جي جند ۾ جانان !
جيءُ منھنجو ڏري ٿي چاندوڪي.

اُڀَ مَنَ ڪي پيو ٿو موھين اڄ،
تنھنجي ٻَڪَ ۾ ٻَري ٿي چاندوڪي.

چَنڊُ محبوب تنھنجو ڳُلُ آھي،
تنھنجي ڳَل تان ڪِري ٿي چاندوڪي.

ڄڻ تہ آڪاس جو سِتارن سان،
سھڻو چولو پري ٿي چاندوڪي.

رات جاڳي لِکيم غزل حافظ،
۽ غزل ۾ تري ٿي چاندوڪي.

هُوءَ بہ جيون ۾ ائين آئي وئي،
سانوڻي برسات هُئي گذري وئي.

رات منهنجي مَن اندر تنهنجي سکي !
ياد جي بارات هئي گذري وئي.

زندگي جو ائين سفر ڪٽجي ويو،
ڪاڪ جي محلات هئي گذري وئي.

هُن سان گهاريل هر پهر ۽ هر گهڙي،
سُونهن جي سوغات هئي گذري وئي.

چنڊ تارا ۽ ڪتيون ٽيڙو ٽڙيل،
ڪيڏي روشن رات هئي گذري وئي.

شاعريءَ سان عڪس پنهنجا پئي چٽيم،
ڏينهن جهڙي ذات هئي گذري وئي.

عبد منهنجي عڪس ۾ اکين اڳيان،
هي سَڄي ڪائنات هئي گذري وئي.

هُوءَ نہ آئي سَرَءَ سياري ۾،
ڪجهہ نہ سوچيائين منهنجي باري ۾.

رات ! توکي بہ غم مليو آ ڇا ؟
آهين صدين کان ويس ڪاري ۾.

جُهو جُهو آواز اَسر ويلي جو،
ڪا وِلوڙي ٿي ڪير پاري ۾.

نڪَ هُنَ جي جِي جڻ ڦُلي آهي،
آ ڪشش ڪيڏي هُن ستاري ۾.

هوءَ ڪيتن ۾ ساڻ سڪين سان،
ساڳ سوئي رهي آ ڪاري ۾.

هوءَ منهنجو نصيب آ حافظ،
مون کي جوڳي ڏسيو آ ڏاري ۾.

ماس ڪوري رهي آ تنهائي،
جيءُ جهوري رهي آ تنهائي.

آئون مِٽيءَ جي مورتي آهيان،
مون کي ڀوري رهي آ تنهائي.

من مُنهنجي جي ڄڻ تہ صحرا ڏي،
سُورَ سوري رهي آ تنهائي.

ياد ڏياري وري وري هُن جي،
چاهہ چوري رهي آ تنهائي.

عبد هِن وقت جي ترازيءَ ۾،
مون کي توري رهي آ تنهائي.

مان جڏھن عشق ۾ اڙيو آھيان،
سُور صدمن ۾ ئي سڙيو آھيان.

ھيءَ دنيا درياھہ دردن جي،
جنھن جي ھر دور ۾ لُڙھيو آھيان.

جڻ تہ اُڀَ جو ٽُٽَل مان تارو ھان،
ڪين چمڪيو ڪڏھن ڪِڙيو آھيان.

جڻ تہ ڪنھن راھہ جو مان پٽر ھان،
ٺيڙ ڪائي پئي ٺڙيو آھيان.

دل تنھنجيءَ جي بھشت مان جانان !
آئون آدم جيان تڙيو آھيان.

پاڻ کان ڌار ڪيئن ڪري سگھندينءَ،
جيءَ تنھنجي سان جو جڙيو آھيان.

دانھن دل جي نہ ڪنھن بہ ورنائي،
عبد ڪيڏو رنو رڙيو آھيان.

چنڊ جاڳي ٿو رات جاڳي ٿي،
هي سڄي ڪائنات جاڳي ٿي.

هيءُ تہ انسان ننڊ غفلت ۾،
پاڪ هڪ رب جي ذات جاڳي ٿي.

پياس اصغر جي ساري ساري ۽،
ڪربلا ۾ فُرات جاڳي ٿي.

رااهہ ونڻي پوي ٿي گوتم جي،
جيڪڏهن ذات پات جاڳي ٿي.

مان مدينو ڏسي رهيو آهيان،
منهنجي لبڙن تي نعت جاڳي ٿي.

من منهنجي ۾ آ هِڪ تہ تنهائي،
ٻي سَڪي تنهنجي تات جاڳي ٿي.

عبد شاعر لکي رهيو آهي،
۽ سندس پر ۾ ڏات جاڳي ٿي.

عشق جو هڪ نام آهي ڪائنات !
حُسن جو ئي جام آهي ڪائنات !

هير وانگي آهي سُرهي هُو سدا،
صبح آهي شام آهي ڪائنات !

مون عبادت نانءُ هُن جو آ رکيو،
منھنجو سجدو قيام آهي ڪائنات !

هُن جي خوشبو سان مُعطر ڳوٺ آ،
ڄڻ گلن جي گام آهي ڪائنات !

عشق هُن وٽ آ سلامي روز شب،
سُونھن جنھن جي سام آهي ڪائنات !

عبد هُن کي ڪين ڪو ڄاڻي سگھيو،
معرفت جي مام آهي ڪائتات !

دور مون کان تا  رهو پيا چنڊ جيان !
پوءِ پِي سهڻا  لڳو پيا چنڊ جيان !

مان اُماوس رات جيان روئان پيو،
۽ اوهان هر دم کلو پيا چنڊ جيان !

سَڀُ سکيون تنهنجون ستارن جي مثل،
خوب تر تن سان نهو پيا چنڊ جيان !

ساڻ ناهيو سار ٻڻجي پو بہ روز ،
من سندي اُڀ تي کڙو پيا چنڊ جيان !

جڻ هوائن جي هندوري ۾ پرين !
رُت جوانيءَ ۾ جهلو پيا چنڊ جيان !

کنهن پڇو اي عبد ائين اڌ رات جو،
راهہ ۾ کنهن لئہ رُلو پيا چنڊ جيان.

آهي اوهان وسايو ، هُت شهر روشنين جو،
هِنَ ڳوٺ ۾ ڳهيلا ، هاءِ اسان اڪيلا.

من کي چُٽن پيا تا ، هر دم پرين اوهان جي،
يادن سندا گُليلا، هاءِ اسان اڪيلا.

هِنَ دل سندي شهر ۾ ، بازار برهہ جي ۾ ،
تنهائين جا ميلا، هاءِ اسان اڪيلا.

هن عشق جي سفر ۾ ۽ نينهن جي نگر ۾،
آهيون نوان نويلا، هاءِ اسان اڪيلا.

جنمن کان پيا ٿا پٽڪون بن بن جا آهيون جوڳي،
ٽر جا ڪي جڻ ٽريلا هاءِ اسان اڪيلا.

گمنام عبد آهن خوشين جا شهر مون کان،
چوطرف درد ٻيلا، هاءِ اسان اڪيلا.

ستم سپ سناسين مگر چپ رهياسين،
ڪندن تي هلياسين مگر چپ رهياسين.

شمع جيان اسان پي سدا سوجهرا ڪيا،
پئي وگهريا جلياسين مگر چپ رهياسين.

اسان جڻ تہ پتڪيل ڪکر جيان هوا ۾،
پئي پتڪيا رُلياسين مگر چپ رهياسين.

اسان عشق آويءَ ۾ دل جي دلي ساڻ،
ها پچريا پڪاسين مگر چپ رهياسين.

اسان روز دردن جي دلدل ۾ دلبر،
ها لهندا وياسين مگر چپ رهياسين.

ڪٽي حسرتن جا ڪي انبار من ۾،
اوهان سان رَلياسين مگر چپ رهياسين.

تون وسارين تہ ڀل وساري ڇڏ،
پنهنجي دل مان مون کي ڌڪاري ڇڏ.

مان ٽٽل چڻ تہ آرسي آهيان،
دل جي ديوار تان اُتاري ڇڏ.

آئون ڪنهن رات جو انڌيرو هان،
دور مون کان ٿي خود اُجاري ڇڏ.

چنڊ ٻنديا سندور تارن جي،
سينڌ پنهنجيءَ ۾ تون سنواري ڇڏ.

هڪڙو ڀيرو ڀلا ٿي نفرت مان،
نيڻ مون ڏي کڻي نهاري ڇڏ.

لڙڪ پوپٽ جيان سڪي گِل تان،
مُرڪ جي ميڇ سان اُڏاري ڇڏ.

اوهان جو ئي سارون سنڀارون رهيون،
۽ اکڙين ۾ لڙڪن جون لارون رهيون.

اسان جو نہ پلجي بہ نالو گنئيون،
مگر تَن جون تَنَ ۾ تنوارون رهيون.

هُيو پنهنجو جيون بہ ڏُونگر جيان،
غمن جو رڳو جنهن ۾ غارون رهيون.

کپي کنهن جي يادن جي ڪاتي وئي،
پنهنجي دل جون ڦارون ئي ڦارون رهيون.

هُيو وقت استاد حافظ تڏهن،
مقدر ۾ جنهن جون ٿي مارون رهيون.

ڪا ڳالهہ اڌوري رهجي وئي،
هڪ آس اڌوري رهجي وئي.

سنڌوءَ جي ڪنارن جيان سائڻ !
بس پاڻ ۾ دوري رهجي وئي.

ڪو جام نہ آيو ڪينجهر تي،
ڪا نينهن ۾ نوري رهجي وئي.

بس سار اوهان جِيءَ سان چڙندي،
هِيءَ دل بہ دنبوري رهجي وئي.

هوُ وَرُ نہ وريو ۽ آس ۾ هِڪ ،
ڪا سينڌ سندوري رهجي وئي.

ڪي واس هوائن جا وننڌي،
پيرن ۾ پنيوري رهجي وئي.

اي عبد اسان جي شعرن ۾،
خيالن جي ڪتوري رهجي وئي.

## نظم

كاش منھنجو تون پيار سمجھين ھان !
تون بہ سُڏكين پوين ھان ساحل جيان،
او سكي منھنجي من جي صحرا تي،
تون بہ برسين پوين ھان بادل جيان !

كاش منھنجو تون پيار سمجھين ھان !
تون بہ اُجڙي وڃين ھان مُوھين جيان !
درد جي ھڪ صدا، سدا ٻڌجي،
تون بہ گونجي پوين ھان نُوحين جيان !

كاش منھنجو تون پيار سمجھين ھان !
تون بہ وكري وڃين ھان خوشبو جيان،
پاند پوتيءَ جا ڏئي اكڙين كي،
تون بہ اُتلي پوين ھان سنڌوءَ جيان!
كاش منھنجو تون پيار سمجھين ھان



# وفا، عشق ۽ محبت

وفا گل محمد جمالي بنيادي طور تي عشق، محبت، سماج ۽ سنڌيت جو شاعر آهي، سندس شاعريءَ جي ڪئنواس تي حياتيءَ جي بي سوادگي ۽ ڦڪاين توڙي بي رنگينين جا خوبصورت عڪس چٽيل آهن، هن جون منظر نگاريون دل جي صحرا ۽ روح جي ساگر تائين وسيع ڇُهاءُ رکن ٿيون، وفا وٽ خيالن جي گوناگوني سان گڏ نت نيون تشبيهون، ترڪيبون، استعارا، ڪنايا ۽ پنهنجو اسلوب آهي، جيڪو ڏاڍو خوبصورت آهي، سندس غزلن ۾ ادبي ٻوليءَ جي لفظن جي چونڊ ٻہ شانائتي آهي. ۽ مان يقين سان چئي سگهان ٿو تہ جي "وفا" انهيءَ تسلسل سان لکندو رهيو تہ مجتا جي منزل سندس قدم ضرور چُمندي .

## وسيم آڪاش سيتائي

نالو : گل محمد جمالي

ادبي نالو وفا گل محمد جمالي

ايڊريس: وفا گل محمد جمالي T/o گورنمينٽ اردو بوائز اسڪول شهدادڪوٽ

موبائل نمبر : 03337504137

ديد ۾ ديد ڏئي ديپ ٻاري ملون
آ سکي اچ نديءَ جي ڪناري ملون

جت هجن پيار جا ڪي پکي اُت هلي
گيت ڪي شاهہ جا گڏ جهونگاري ملون

تون بہ آ گڏ ڪٽي ڪات ڪي قرب جا
سرُ اڏيءَ تي رکي ساهہ واري ملون

جي اچي ڪا گهڙي موت کان ڇو ڊڄون؟
موت مهڙو نہ آ نينهن اجاري ملون

ميل تي نہ سگهيو ڪوششون ڪوڙ ٿيون
پيا هوائن جي هاٿي سهاري ملون

سرد ڪنهن رات جو آءُ اڄ رات جو
لوڪ کي ننڊ ۾ آ سمهاري ملون

سونهن جو سامان تي آ عيد تي ،
اڄ پرين مهمان تي آ عيد تي .

تو بنا گهر ۾ گهٽيون ويران سڀ ،
مون مٿان احسان تي آ عيد تي .

تو سوا ڪنگال آهيان اي سڪي ! ،
آءُ اڄ ڏنوان تي آ عيد تي .

سخت تڪليفن ۾ آهيان تو پٺيان ،
دل سندو درمان تي آ عيد تي .

سڀ مِلن پِيا تون بہ مون سان مل اچي ،
هڪڙو پيرو دان تي آ عيد تي .

مون وفا توبہ پڙهي هن پيار ڪان ،
تون رڳو انسان تي آ عيد تي .

08 03 2015

08 مارچ عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان....

نئين اظهار جون ڳالهيون وساري ڪيئن سگهان ٿو مان،
ها پهرين پيار جون ڳالهيون وساري ڪيئن سگهان ٿو مان.

ذهن تي ڪيپ گفتن جا اجا تائين سُتل آهن،
اکين جي آر جون ڳالهيون وساري ڪيئن سگهان ٿو مان.

چپن جا بند دروازا چمين سان تو ئي کوليا ها،
اهي مهڪار جون ڳالهيون وساري ڪيئن سگهان ٿو مان.

لڪي تو لوڪ کان جيڪي جيئاپا ها ڏنا مون کي،
ڀلا سهڪار جون ڳالهيون وساري ڪيئن سگهان ٿو مان.

نوازش ۽ محبت جا وسايا مينهن تو مون تي،
اهي وسڪار جون ڳالهيون وساري ڪيئن سگهان ٿو مان.

وفا جو ڪم نڀائڻ آ مرڻ تائين نڀائيندس،
صنم ديدار جون ڳالهيون وساري ڪيئن سگهان ٿو مان.

ڪنن آ گهٽو ئي سفر يادگيريون،
چڏيون ٿو وجان مان شهر يادگيريون.

ڪٽي رک سنڀالي ڪپن ڪين مونکي،
حصي ۾ ڏنيون ٿئي وَڳر يادگيريون.

اکين ۾ اچن ٿا تري عڪس تنهنجا،
وٽي ڪجهہ نہ، ٿيون هي زهر يادگيريون.

ڊڄان ٿو ڪسن نہ احساس مونکان،
ڪري دل چڏيندئي، پٿر يادگيريون.

چُريون تنهنجي سارن جون ڏاڍيون ڏکيون هن،
ڪپن روز ڪورين اندر يادگيريون.

وسن ڪاش ڳوڙها ٿِي منهنجي اکين مان،
مٿان ساهہ جي هن چَمر يادگيريون.

سار ڇيڙي پيئي درد سنگيت کي
کو ٻڌائي وڃي ھِي منھنجي مِيت کي

ھُو بہ ماحول جي ور چڙھي آ ويئي
مات ڏيئي سگِھي نہ ڪڏي ريت کي

مون ڳئي آ وري ھڪڙي دل داءُ ۾
پيار ناھي تہ پوءِ ڇا ڪبو جيت کي

تون ڪٿي ٿي رھين تون ڪٿي ٿي وسين
ھي تہ ڇئجان وڃي اي پکي ! پريت کي

مند ڳالھيون ٻُڌا يار جي پار جون
اي ھوا ، اي فضا ڇيڙ سنگيت کي.

دردن جي تدفين تہ ڪر تون،
زخمن جي تدفين تہ ڪر تون.

روز جيئڻ تا روز مرڻ تا،
سپنن جي تدفين تہ ڪر تون.

سي تہ پڇن تا تنهنجو هر هر،
رستن جي تدفين تہ ڪر تون.

سالن کان هي پياسا آهن،
نيڻن جي تدفين تہ ڪر تون.

مون کان هر ڪا آس کسي وٺ،
جيون جي تدفين تہ ڪر تون.

اجرڪ سنڌي ٽوپي پايون ايڪتا ڏينهن تي
سنڌ سڄي کي سيني لايون ايڪتا ڏينهن تي

جيڪي ڏور رهن ٿا توکان مون کان ساٿي
آءُ انهن کي اڄ پرچايون ايڪتا ڏينهن تي

متحد ٿي دنيا کي هي پيغام ڏيون اڄ
سيئي سنڌي گڏ گڏ آهيون ايڪتا ڏينهن تي

ماروئڙن جي موهہ ۾ دلڙي جهومي پيئي
گيتن تي ڪو رقص رچايون ايڪتا ڏينهن تي

سونا سونا ڪيت رهن آباد سدا
مٽيءَ کي من ۾ مهڪايون ايڪتا ڏينهن تي

سهڻي سهڻي سنڌ سدائين شاد رهي
دعائن لاءِ هٿ ڦهلايون ايڪتا ڏينهن تي

موئن ، مڪلي ، ڪوٽڏجي آ ورثو منهنجو
دنيا کي تاريخ ٻڌايون ايڪتا ڏينهن تي

سچل سائين ، شاهہ عنايت ، پٽ ڌڻي کي
چيڙي يڪتاري تي ڳايون ايڪتا ڏينهن تي

سنڌي آهيان سنڌي رهندس سنڌ تي مرندس
آءُ وچن اهڙو ورجايون ايڪتا ڏينهن تي

وستي وستي واهڻ واهڻ هر هڪ شهر کي
ڳاڙهن جهنڊن ساڻ سجايون ايڪتا ڏينهن تي

ڏرتي آزادي،
تنهنجِي چاهيان ٿو.

مٿي آيل ڙي!
دردن کان آجهي،
تنهنجِي چاهيان ٿو.

ويري دشمن جَي،
ڪنڌ مٿان ڪاتي،
تنهنجِي چاهيان ٿو.

ساڳيا ڪير مکڻ،
جُهوجُهو، جُهو ماٿي،
تنهنجِي چاهيان ٿو.

دودل جهڙي او امان!
ساڳي ارڏائي،
تنهنجِي چاهيان ٿو.

هٿ تي مهنديءَ ۽،
لب تي لالائي،
تنهنجِي چاهيان ٿو.

محبوب جي گهٽيءَ ۾ ،
۽ سنڌ جي مٽيءَ ۾ ،
آ موھہ مهڪ پنهنجي.

چوٽيءَ ۾ گل ٻري ٿو ،
تصوير هن چِٽيءَ ۾ ،
آ موھہ مهڪ پنهنجي.

پاڙي ۾ عيد ٿي ۽ ،
چنڊ رات جو سٿيءَ ۾ ،
آ موھہ مهڪ پنهنجي.

ڪرڪيٽ کيڏجي پر ،
ڪاٿي ڏکر اِٽيءَ ۾ ،
آ موھہ مهڪ پنهنجي.

مرڪڻ نہ ٿو پڇي بس ! ،
خود ذات سان ڪٽيءَ ۾،
آ موھہ مهڪ پنهنجي

# نظم

## (عشق)

عشق مظلوم آ عشق ظالم بہ آ
عشق مجذوب بہ آ عشق عالم بہ آ
عشق بيدار ۽ عشق ڪاهِل بہ آ
عشق منجهدار ۽ عشق ساحل بہ آ
عشق منڪر بہ آ عشق قائل بہ آ
عشق محبت جي منزل ۾ حائل بہ آ
عشق والي بہ آ عشق سائل بہ آ
عشق اوکو بہ آ عشق سوکو بہ آ
عشق سچو بہ آ عشق دوکو بہ آ
عشق اٽيو بہ آ عشق سٽيو بہ آ
عشق تسبيح بہ آ عشق مٽڪو بہ آ
عشق عظمت بہ آ عشق درجو بہ آ
عشق ننگو بہ آ عشق پردو بہ آ
عشق پابند بہ آ عشق آجو بہ آ
عشق تولو بہ آ عشق ماسو بہ آ
عشق حاضر بہ آ عشق غائب بہ آ
عشق مومن بہ آ عشق راهب بہ آ
عشق گمراهہ آ عشق راغب بہ آ
عشق مڪتب بہ آ عشق ڪاتب بہ آ
عشق نوڪر بہ آ عشق صاحب بہ آ
عشق ڏوهي بہ آ عشق زاهد بہ آ
عشق ملزم بہ آ عشق شاهد بہ آ
عشق آهي جمع عشق واحد بہ آ

عشق باطن بہ آ عشق ظاهر بہ آ
عشق ليکک بہ آ عشق شاعر بہ آ
عشق اڻجاڻ آ عشق ماهر بہ آ
عشق مطهر بہ آ عشق طاهر بہ آ
عشق دودو بہ آ عشق ڪانئر بہ آ
عشق قاسم بہ آ عشق ڏاهر بہ آ
عشق اندر بہ آ عشق ٻاهر بہ آ
عشق اول بہ آ عشق آخر بہ آ
عشق مسلم بہ آ عشق ڪافر بہ آ
عشق منظر بہ آ عشق ناظر بہ آ
عشق محتاج آ عشق قادر بہ آ
عشق سودو بہ آ عشق بازر بہ آ
عشق محبوب آ عشق عاشق بہ آ
عشق بيزارپو عشق شائق بہ آ
عشق فتنو بہ آ عشق فائق بہ آ
عشق آ راڳڻي عشق گائک بہ آ
عشق پنڊت بہ آ عشق نائک بہ آ
عشق منهنجي سمجھہ کان متي آ گھڻو
عشق ابتو بہ آ عشق سبتو بہ آ
عشق ابتو بہ آ عشق سبتو بہ آ

صدا جي پنيان ڪا صدا ٿي رهي هُئي .
نہ ورناءُ هو ۽ نہ ئي ڏيان ڪنهن جو ،
شهر جي اکين تي پَٽيون ۽ پَها ها ،
ڪٿي ڪو بہ احساس تڙپيو نہ جهوميو ،
نگاهن جا ٽڪرا ڪريا چيپجي وِيا ،
بي ترتيب ديدن جي اجڙيل اڱڻ تي ،
بہ تحرير دل جي ڪٿا ٿي رهي هُئي .

.......

وفا وفا تي جفا ڄمي وئي .
ذري ذري تي زهر چڙهي ويو
گهٽي گهٽي ۾ غرور جهوميو
نظر نظر ۾ ٿو ڪوڙ گٽڪي
پهر پهر ڪي پٿر ئي چئبو
شهر شهر ۾ منافقي آ
سچائي پويون پساهہ ڪٽي پئي
حساس دل تي سزا ڄمي وئي .

.......

سنڌ تنهنجي اکين جي نهارن ۾ آ .
نيڻ ڪڻ مان ڏسان ديس پنهنجو مٿي !
ديس جنهن ۾ سوين جنتون ٿيون وَسن ،
بهشت جو  پيي آهي تنهنجي نيڻن ۾ آ ،
ڪو چٽو چنڊ تنهجي برابر نہ آ ،
نيچ تارا ڪتيون تنهنجي آڏو لڳن ،

سارو عالَم چُنيءَ جي سِتارن ۾ آ .
سنڌ تنهنجي اکين جي نهارن ۾ آ .

......

ڪا نہ مکڙي ٽڙي هنج خالي رهي ،
روڳ دل جا اندر ۾ ٿي ناسور وِيا .
مون مان ڪيئي اجارا ٿي مخمور وِيا .
ساهہ اجرا ٽڏيرا ٿي تندور ويا .
سونهن سپنن جا ميلا ٿي ڪافور ويا .
خواب سارا اکين جا ٿي چڪچور ويا .
ڪا نہ ڪا اک اڙي هنج خالي رهي .
ڪا نہ مکڙي ٽڙي هنج خالي رهي ،

......

نگاهہ ڪي اڄ قرار آهي،
سکي ڏنو آ بهار وانگي،
اکين چميو آ نهار وانگي،
رڳون وڄن پيون سِتار وانگي،
ٿي مُند مهڪي ملهار وانگي ،
هِيءَ دل سجي آ ڪنوار وانگي ،
انهيءَ ڪي چئبو تہ پيار آهي،
نگاهہ ڪي اڄ قرار آهي.

امن جِي آهي سوالي ، سنڌ سموري سوڳ ۾ ،
ڏينهن ناهي ڪو بہ خالي ، سنڌ سموري سوڳ ۾.
روز دهشت ، بم ڌماڪا ، قتل و غارت آ هتي ،
ڪو ولي ناهي ڪو والي ، سنڌ سموري سوڳ ۾.

## سنڌ جي سريلي راڳي صادق فقير جي نانءُ

درد ، آهون ، غم حوالا ئي رهيا ،
آه و زاري ۾ مقالا ئي رهيا ،
سات مان صادق بہ وڇڙي وِيو هليو،
سنڌ تنهنجا نيڻ آلا ئي رهيا ،

توکان پري مان ڪيئن جيان اي دلربا
شال تنهنجو ٿي مران اي دلربا
زندگي جا درد سڀ سهبا مگر
هيءُ وڇوڙو ڪيئن سهان اي دلر

ٻانهن کي سکي ڦهلاءِ اچ چار ڏڳيءَ وانگر
مونکي بہ وکوڙي ڇڏ وارن ۾ سڳيءَ وانگر
هن پنهنجي جماليءَ کان ڇا لاءِ پري ٿئين ٿي
دل دل سان ملائي ڇڏ دل دل جي لڳيءَ وانگر

درد جو اپياس منهنجي شاعري ،
ٽر جي آهي پياس منهنجي شاعري.
ٿا پکيءَ کي پيار جا اڏري اچن ،
قرب جو ڪئنواس منهنجي شاعري.

ڪٿي بہ تنهنجي ذات جو اتو پتو مليو نہ ڪو ،
ڪڪر بہ تنهنجي راهہ کي ڏِسي ڏِسي ٿڪي پَيا .

پنهنجي سمجهہ کان ٻاهر ماڻهو،
ڪنهن کي سمجهي ڪنهن کي سمجهون.

ڪين مجبو اهڙو مذهب جو ڪري توکان جدا،
ساڻ هُج هڪ تون ئي دلبر! جڳ ڀلي ڪافر سڏي.

لوڪ جي آتت کهڙي ڪم جي،
درد کي تنهنجو ٽيڪو گهرجي.

مان وفا کي باوفا چوندو رهيس،
هُو وفا کي بي وفا چوندو رهيو.

هر سال اڪيلائي هيءَ ڳالهہ نئين ناهي،
هر عيد حياتيءَ جي هيڪل تہ گذاري آ.



نالو ؛ ذاڪر حُسين سولنگي
ادبي نالو ؛ ذاڪر سيتائي
ولديت ؛ غلام شبير سولنگي
جنم تاريخ ؛ 1980ع 4 5
جنم جو هنڌ ؛ سيتارو ڊ
ادبي استاد ؛ منصور سيتائي
ادب ۾ ابتدا ؛ 2013ع کان
ڇپيل ڪتاب ؛ ڏهر منجهہ ڏيئا ( گڏيل شاعري )
اڻ ڇپيل ڪتاب ؛ هڪ ڪتاب جو مواد
ادبي وابستگي ؛ آڊيٽر سنڌي ادبي سنگت سيتارو ڊ
فون نمبر ؛ 03442525478

پنهنجي مُنهن تان نقاب پاسي ڪر،
اڄ تہ سارا حجاب پاسي ڪر.

پنهنجي نيڻن مان ڏي پيئڻ مون کي،
ٻيا سمورا شراب پاسي ڪر.

جيڪي تنهنجي ڪري گناهہ ڪيم،
سي اکين تي،ثواب پاسي ڪر.

هُو اچي ٿو چُمڻ ڏي رندن کي،
قاضيا هي ڪتاب پاسي ڪر.

عشق ۽ پيار ۾ ڪجن ڪهڙا،
ليکا چوکا حساب پاسي ڪر.

تنهنجو ذاڪر پگهر آ ڪستوري،
موتيا ۽ گلاب پاسي ڪر.

بي قراري وڏي وئي آهي،
انتظاري وڏي وئي آهي.

تنهنجي هڪڙي ئي بوسي ياڪر سان،
چو خُماري وڏي وئي آهي.

مور مارو مرن پيا تر ۾،
آهہ زاري وڏي وئي آهي.

ڪو نہ ٿيو امن حال ساڳيا هِن،
مارو ماري وڏي وئي آهي.

هيڪلائي ۽ درد سان اڄ ڪلهہ،
يار ياري وڏي وئي آهي.

سات تنهنجو مليو تہ ذاڪر جي،
سوچ ساري وڏي وئي آهي.

رُسي تون اجايو آن وينو پري،
منا ڪجهہ تہ ڳالهاءِ هينئڙو نري.

جڏهن سار تنهنجي ٿي سوڙهو ڪري،
تڏهن درد ٿو ياڪرن ۾ يري.

وئي زهر ٿي زندگي توسوا
جڏهن ڪان ويو آن اڪيلو ڪري.

سدا ساهہ سُرهو تنهنجي سار سان،
تنهنجي ياد جو دل ۾ ڏيئو ٻري.

اڪيون ٻُوٽيان يا پٽيان تون ئي تون،
سوا پل بہ ذاڪر نہ توريءَ سري.

پايل ۾ هن ساز هزارين،
۽ سازن ۾ راز هزارين.

منهنجو من معصوم ڪبوتر،
جنهن کي چچرن باز هزارين.

ڪهڙا ڪهڙا يار ڪٽان مان،
تنهنجا نخرا ناز هزارين.

مُرڪي درد سهڻ جا مليا،
مون کي ئي اعزاز هزارين.

تنهنجو ڪو نہ ٻڌڻ ۾ آيو،
چوڏس هئا آواز هزارين.

ذاڪر جو همدم نہ هُيو ڪو،
تنهنجا هئا همراز هزارين.

ڳوڙها ۽ ڳاراٽو آهيان،
عشق ۾ پو ٻہ اياٽو آهيان.

هر ڪو پنهنجي پر تو پيهين،
ڄڻ ڪو اَنَ جو داٽو آهيان.

جيڪو ايندو پيڙيو ويندو،
عشق چيو مان گهاٽو آهيان.

پل پل پيڙائن ۾ پڄران،
ورهين ڪان ويڳاٽو آهيان.

پاڇن پويان ڊڪندي ڊڪندي،
ڪيڏو ٿي پيو ساٽو آهيان.

سچ پچ ذاڪر پاڳل آهيان،
ڪير چوي ٿو سياٽو آهيان.

صفا آزار تي پئي آ،
حياتي بار تي پئي آ.

چپن تي بوسي جي خواهش،
وري هڪ وار تي پئي آ.

تنهنجي هڪ مُرڪ جيون لئہ،
اکين جو نار تي پئي آ.

سين لئہ سُونهن تنهنجي ئي،
وڇايل ڄار تي پئي آ.

ٽِيو مان بار هان جنهن تي،
ٻچيءَ جو هار تي پئي آ.

نہ نبري ڳالھ ڪا ذاڪر،
وڏي تڪرار تي پئي آ.

ساهہ منهنجي ئي دل مان ڪٽين پيو اجا،
روح منهنجي ۾ تون ئي رهين پيو اجا.

سج اُڀرڻ تي آ، باک ويئي ڦُٽي،
رات گذري وئي تون اچين پيو اجا.

هُن ڪي اچڻو نہ آهي پلي ڪجهہ بہ ٿئي،
تون سُڪل ڏار جيان هِتِ سُڪين پيو اجا.

مون ڪي اِن جي اجا ڪنهن نہ ميٽا ڏني،
درد ايڏا سهي تو ڪلين پيو اجا.

دل جي اُجڙيل محل ڪي سجائين پيو،
عشق ! منهنجي رڱن ۾ رچين پيو اجا.

اج بہ ذاڪر جي صحرا سندي من مٿان،
تون ئي برسات وانگر وسين پيو اجا.

ڪٺي نظرون منٺي مون ڏي نهارين ٿي تہ مارين ٿي،
انهن زلفن کي تون هر هر سنوارين ٿي تہ مارين ٿي.

رهين ٿي ماٺ تون مون سان وجين پرپُٺ وري جانان،
سهيلين سان منهنجون ڳالهيون پچارين ٿي تہ مارين ٿي.

ڪري تون ياد هِن دل مُئل کي جيئرو ڪرين ٿي پر،
گهڙي هڪ پل بہ تون مون کي وسارين ٿي تہ مارين ٿي.

پري محفل اڳيان پنهنجي انهن سهٽن چپن سان تون،
منهنجو نالو وٺي مون کي پُڪارين ٿي تہ مارين ٿي.

تون مالڪ آهين مرضي جي، وڻئِ جيڪي سو ڪر، ليڪن،
رقيبن کي پنهنجي پر ۾ ويهارين ٿي تہ مارين ٿي.

اُتن ٿيون ياد جون لهرون ٻڏي ٿو من جو هي ٻيڙو،
مگر ذاڪر کي ٻانهن سان نہ تارين ٿي تہ مارين ٿي.

اکڙين منجھ خمار اٿس،
ڪنھن لاءِ ايڏا پيار اٿس.

سڳڙيءَ ڪي ڦيرائيندي،
چيڙن تي جھونگار اٿس.

خاموشيءَ جو عالم آ،
وڪريل وڪريل وار اٿس.

خود سان خود ڳالھائي ٿي،
اک ۾ ڳوڙھا ڌار اٿس.

ڪھڙا نخرا ناز ڪري،
گھر جا سارا بار اٿس.

پوپٽ پونئرا آيا مِڙي،
ذاڪر ڇا مھڪار اٿس.

مون کي هُو ياد تي ڪري ٻيھر،
چالئہ برباد تي ڪري ٻيھر.

آئون قاتل اجان هان هڪڙي ۾،
درد ايجاد تي ڪري ٻيھر.

جو هو اُجڙي ويو زماني کان،
باغ آباد تي ڪري ٻيھر.

پنھنجي زلفن ۾ مون کي ڦاسائي،
پاڻُ آزاد تي ڪري ٻيھر.

هُن سوا ڪيڏو شاد هو ذاڪر،
هوءَ ناشاد تي ڪري ٻيھر.

جنهن گهڙي تنهنجي بدن کي مون چميو،
ائين لڳو ڄڻ جنتن کي مون چميو.

سڀ خوشيون ٺُڪرايون جيڪي رب ڏنيون،
تو ڏنا جي، تن ڏکن کي مون چميو.

شيخ جي هر سِٽَ رکي اکڙين مٿان،
شاهہ جي واريءَ پٽن کي مون چُميو.

مون کان تنهنجو ئي پڇيائون پئي پرين،
باغ ۾ جڏهين گلن کي مون چميو.

ڪنڌ ڦيري تو ڇڏيو مون کي ڏِسي،
۽ ڏسڻ سان ئي اکين کي مون چميو.

سو تہ ذاڪر ذائقو آهي اجا،
هو جڏهن هُن جي چپن کي مون چميو.

تنهنجو چهرو چنڊ جهڙو هو وڻيو،
۽ محبت جو مزو ڏاڍو وڻيو.

تنهنجي ساهن جي مٺي سُرهاڻ تي،
پوپٽن جو هو مٽل ميلو وڻيو.

موج مستيءَ ۾ سنڌوءَ جي جَرَ مٿان،
جهوپڙي ناهيل مون کي ٻيڙو وڻيو.

چنڊ تارا جهوميا جنهن پرت تي،
سو سکي تنهنجو مون کي چولو وڻيو.

تنهنجي خاطر پاڻ سان مون جو ڪيو،
ها ! اُهو پنهنجو ڪيل دوکو وڻيو.

آهي ذاڪر کي نہ تو سمجهيو اڃا،
آوڻيو، تنهنجي ڪري جيڪو وڻيو.

گُلن سان ساريون گهٽيون سجايان،
اچين جي هيڪر اکيون وڇايان.

پکين بہ منڙي آ لات لائي،
اجا نہ آئين بهار آئي،
تي درد سان پئي اجا نپايان.

اڪيلي رڻ ۾ بي رات ڪاري،
۽ خيال تنهنجو مٿان مون طاري،
هي خيال ڪيئن مان پلا ڀُلايان.

نہ ڪا سهيلي نہ ڪائي سرتي،
نہ ننڊ نيڻن سان آهي پرتي،
هي سور ڪنهن کي پلا ٻڌايان.

مان وار ڪهڙا سنواريان ذاڪر،
۽ هار ڪهڙا مان پايان ذاڪر،
اکين ۾ ڪهڙا مان سُرما پايان.
اچين جي هيڪر اکيون وڇايان.

## ( خدا جو هُجڻ )

تنهنجي ٽهڪن، ۽ مسڪراهٽن،
تنهنجي ادائن، ۽ عشون،
تنهنجي جمال ۽ جلون،
منهنجي،
بي رنگ جيون کي،
رنگين بڻائي ڇڏيو آ،
۽ خدا جي هُجڻ جو،
يقين پڻ ڏياريو آ،
نہ تہ،
منهنجو ڪافر عشق،
ڪڏهن بہ مسلمان نہ ٿئي ها.

## ( من جي ٻيڙي )

منهنجي من جي ٻيڙي،
جنهن جو نہ ملاح آهي،
نہ پتوار،
نہ آر، نہ پار،
جا آهي،
فقط،
هوائن جي آڌار !!
تنهنجي نيڻن جي سمنڊ ۾،
هميشہ ٻڏڻ لاءِ آتي آهي.

## ( اڌورو خواب )

حَسين ايڏي ڄڻ،
ڪنهن جنتي حُور جو ٻيو روپ،
هُن جي شوخ لفظن ۾ ٻہ،
ايڏو تہ مناس ۽ ميناج،
ڄڻ تہ وهندڙ ۽ ماڪيءَ جي ندي،
جي چپ چوري تہ،
خزائن ۾ بهارون ٿي وجن،
ننهڻ جهولو تڏڙي هير لڳي،
۽ اُن هير جي سُڳنڌ ڇُهي،
گلاب، موتيا، چنبيليون ٻہ شرمائڻ لڳن،
۽ هُن جي ٿهڪن مان،
دنيا جي سپني لذتن،
جنم آ ورتو،
جڏهن اکيون اکين ۾ وجهي،
مُسڪرائڻ لڳي تہ،
اچانڪ اکيون کُلي ويون،
۽ منهنجي ڇهري تي،
عجيب قسم جي مايوسي،
سان گڏوگڏ،
خوشي ڇانئجي وئي،
۽ اُهو خواب،
اڌورو ئي رهجي ويو.



نالو : صدام حسين
ولديت : غلام سرور
ذات : لاڪير
ادبي نالو : سرويچ ناٿن شاهي
جنم جو هنڌ : ڳوٺ صفر لاڪير تعلقو ميهڙ ضلعو دادو سنڌ
تعليم : بي،اي ۽ ( سنڌي ادب سال ٽيون هلندڙ )
ادبي ابتدا : 2014
ادبي سڃاڻپ : شاعر، ڪهاڻيڪار
ادبي استاد : محترم فياض بلوچ
اڻ ڇپيل ڪتاب : هڪ عدد ڪهاڻيون
ايوارڊ : ناٽ ٽو چائلڊ ميريج 2014 سڄاڳ سنسار جوهي طرفان
فون نمبر : 03332730533

اجهو چنڊ آيو ۽ تارن قطارون،
وري دل جي در تي پُڳيون تنهنجون سارون.

اوهان ريءَ سپنا ڦرنس جي پکين جيان،
نہ جن جون ڪي آسون نہ جن جون اُڏارون.

رهيو ڪو نہ هٿ ۾ تنهنجو هٿ آ ساجن،
وري مون کي ڏينديون ميارون بهارون.

او سوشل ورڪ جي سهڻي سانوري تون،
ڪڏهن شل ٻڌين منهنجون پيڙا پچارون.

سوا تنهنجي منهنجي اڌوري حياتي،
تون سرويچ جي آن دوا درد دارون.

دهر ۾ يزدان ڏئي ڪو ڳولي ؟
انسان ۾ انسان ڏئي ڪو ڳولي ؟

جنت جي ئي لالچ ۾ تا ماريون ماڻهو،
ڪنهن ڪي چئون شيطان ڏئي ڪو ڳولي ؟

مقصد جي اوليت ڪي اوليت آهي،
ڪنهن جي در جو درمان ڏئي ڪو ڳولي ؟

هوءَ دل جي ڳالهه تان هٿي وئي آهي،
هن سور جو سامان ڏئي ڪو ڳولي ؟

سرويچ خدائي آ درد سان پرنم،
هن پيار جو مهمان ڏئي ڪو ڳولي ؟

ڪاغذ تي ڪوئي تنهنجي تصوير ٺاهيندو هوءِ
پنهنجي رنگن ۾ تنهنجو انگ سمائيندو هو.

هُن جي غزل جي هر هڪ بند مان ائين لڳي ٿو،
توکي هُو رول شاعر ڪيڏو نہ چاهيندو هو.

راتين جي روشنين ۾ اميد جي ڏيئن سان،
ٻرندو هو رات ڀر ڪو، دل پنهنجي ٻاريندو هو.

رُسوا نہ ٿي پئي ڪِٿِ، معصوم ڪا محبت،
تنهنجا ڏنل هو تحفا سيني سمائيندو هو.

هُونئن تہ هُن جي هئي جڳ ساري سان شناسي،
سرويچ ڪي الئہ هو ڇالئہ نہ ٻائيندو هو.

بي وفائيءَ جون ڪاتيون جو هيون،
شوق ۾ چوريون ڇاتيون جو هيون.

عشق پرهيزگار ڪيئن ٿئي هان،
پاتيون در ڪان تو جهاتيون جو هيون.

شهرِ جانان ۾ روح رُلندو رهيو،
حُسن جون بي بها ذاتيون جو هيون.

مون گهٽو ئي جهليو اکين کي پر،
ٿي پيون تنهنجي لئہ آتيون جون هيون.

پيار سرويچ ٿي پيو پڌرو،
توڪيون ننڊ ۾ باتيون جون هيون.

ڇير ڇمڪائي هلي هن پار وئي،
مون کي تڙپائي هلي هن پار وئي.

منهنجي جيون کي ڏکن جا ڏنپ ڏئي،
ڪنهن جو هٿ پائي هلي هن پار وئي.

عمر ساري مون کي پنهنجي هجر جا،
ويس پارائي هلي هن پار وئي.

دل جي گلشن تي رُڳو گهاوَن مٿان،
گهاوَ ئي گهائي هلي وئي.

ٿي پيا سرويچ سپ سپنا ٻُسا،
ڪنهن کان چورائي هلي هن پار وئي.

تنهنجي ئي پيار ۾ هان،
هر پل خمار ۾ هان.

مشڪل تئي رِهائي،
زلفن جي ڄار ۾ هان.

دشمن آ لوڪ سارو.
تنهنجي نهار ۾ هان.

اي وصلِ يار سچ پچ،
جنت جي پار ۾ هان.

پيو عشق مان اُڏامان،
تنهنجي اُڏار ۾ هان.

سرويچ جڳ کٽيو آ،
تون چئہ نہ هار ۾ هان.

نہ ڪاتي بہ اهڙي ڪا راحت ملي آ،
پرين ڪان جا مون کي محبت ملي آ.

اڳي توڪان ڪجهہ پي هُيس ڪو نہ جانان،
ها تنهنجي ڪري مون کي شهرت ملي آ.

مليو چاهہ ڪنهن جي چپن جو نہ آ ڪو،
رڳو هن زماني ڪان نفرت ملي آ.

ڪڏهن پي مني مان ٿيو ناهيان فارغ،
تنهنجي ياد ڪان پل نہ فرصت ملي آ.

آ سرويچ لاءِ ڄامشورو ئي جنت،
مگر پو بہ هن کي نہ راحت ملي آ.

ڪياسين هتان جي هوائن کي سجدا،
عبادت کي چالئہ نہ عظمت ملي آ.

صدا جون صدائون سيئي بي اثر ٿيون،
ذڪن جي وظيفي کي برڪت ملي آ.

تنهنجي نيڻن ۾ زندگي آهي،
ديد درشن ۾ زندگي آهي.

پاڻ کان ڏور ائين نہ ڪر چو جو،
تنهنجي زلفن ۾ زندگي آهي.

پيار ۾ جيڪي تو ڏسيا آهن،
تن ئي سپنن ۾ زندگي آهي.

سارا انمول عهد چاهت جا،
جڻ تہ قسمن ۾ زندگي آهي.

آءُ سرويچ ناتن شاهي ڏي،
جنهن جي دامن ۾ زندگي آهي.

تون ئي ھر درد جي دوا سائين،
سُونھن تنھنجي ۾ آ شفا سائين.

ھر گھڙي ھن خمار پيتي جا،
عشق ۾ آھيون لاپتا سائين.

تون رُسين تو تہ ٿي لڳي مون کي،
زندگي ٻي خفا خفا سائين.

ڪيڏو مدھوش ٿي پيو آھيان،
سُرڪ پياري اٿئي منا سائين.

آئون سرويچ ٿي پيو آھيان،
توتي ٿيو آھيان جو فدا سائين.

چا پيار سنگيت آ،
سونهن سڄي ڪائنات آ.
هوءَ مرڪي ٿي چا ؟
ڪنهن پري پاتي جهات آ.
سونهن سڄي ڪائنات آ.
مون سان ملندي آ،
روز ڪندي مون سان بات آ.
سونهن سڄي ڪائنات آ.
ٿي اک اک سان پئي اڙي،
سيني کي ڪندي مات آ.
سونهن سڄي ڪائنات آ.
خوشبو هُن جي آ هُلي،
وٽندڙ سپ کي ذات آ.
سونهن سڄي ڪائنات آ.

سا ياد وري آئي،
سا ياد وري آئي.
هن هاءِ حياتي ۾،
محبت نہ سهي جنهن ۾،
نفرت ئي سهي تنهن ۾،
تنهنجو نہ کلڻ جنهن ۾،
نفرت سان ڏسڻ جنهن ۾،
چاهت جو سرمايو،
تو پاران سُکل گُل کي،
۽ گذري ويل پل کي،
سا ياد وڇوڙي جي،
اکڙين مان ڳڙيل ڳوڙها،
ڳوڙهن سان گڏيل سُڏڪا،
جنهن ويل سرويچ جي تو،
هٿ هٿ مان ڇڏايو هو،
تقدير ونڻ قيمت،
خوابن جي ڳري آ،
سانوڻ ۾ وري سانئڻ،
سا ياد وري آئي.

تون چالئہ مون کي مارين ٿو،
تون چالئہ مون کي مارين ٿو.
ڇا ڄاڻين ٿو مان ڪاري هان،
مان توتي ور ور واري هان،
۽ تنهنجي پيڻ بہ پياري هان،
هي ڄاڻين پو بہ وسارين ٿو.
مان تنهنجي جيجل ڄائي هان،
ڇا ان لئہ جڳ ۾ آئي هان،
جو مون تي اهڙو وار ڪرين،
۽ سر سِسيءَ کان ڌار ڪرين،
غيرت جي نالي تي ٻيجل،
تون پيڻ سندو واپار ڪرين،
تون احساسن کان عاري ٿي،
۽ وحشت تي سوياري ٿي،
اڄ ننڍڙي پيڻ کي مارين ٿو،
۽ ڏيان نہ تن جو ڏارين ٿو.
تون چالئہ مون کي مارين ٿو،
تون چالئہ مون کي مارين ٿو.

# ( ڪفر )

تنهنجي چپڙن جيءَ
تبسم جو قسمَ
پيار جي پوڄاءِ
ڪفر ناهي سگهي !
پيار جيڪو،
زندگي جو آ بنيادءِ
پيار ئي جڳ ۾،
اسان جي لئہ جهادءِ
پيار جيڪو،
تنهنجو منهنجو،
اعتماد ،
پيار جيڪو
توکي ناهي،
هوندو
ياد____

# ( خواب )

اڌ رات جي،
انڌيري ۾،
تنھنجي صورت،
خواب ۾ آئي آھي،
تو مون کي،
ايئن چيو،
چو ٿو سوچين،
مون لاءِ،
ھان !!
من ۾ اقرار،
۽ انڪار،
منھنجي وارن تي،
ھٿ ڦيري،
پُڇيئي ڇا ٿو،
لکين قلم مان،
چيومانءِ تہ
لکان ٿو مان،
پنھنجي ٿر جي،
ڏُڪار ستيل ۽ بکايل،
مارو۽ٿن لاءِ،
جتي مارو بُک اُڃ ۾،

ٻار مرن جن جا،
ٻُکَ وِگهي،
مائرن ۾ تـڃ ناهي،
مارن جي جي ٻُک اُڃ کي،
واپار ٻڻايو ويو آهي،
تر تہ سون اُپائي ٿو،
سڀني ملڪ لاءِ،
خواب سونهري بڻجي ويو آهي،
مگر مارن لئہ قبرستان بڻجي ويو آهي،
تن کي آتت ڏيڻ،
لاءِ وجهُو آهي،
توکي چڙٺو آهي،
توکي چڙٺو آهي.


چوڏس مينگهہ ملهار
(گڏيل شاعري)
مرتب: فياض منصور
سنڌي ادبي سنگت شاخ سيتا روڊ
منصور سيتائي
ڊاڪٽر اسحاق سميجو